آن لائين
ڪاوش
# دنيا
آچر 10 مئي 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




## امڙ کي سلام

**هِن پرچي جا ليکڪ:**

- اياز گل
- نصير اعجاز
- ڊاڪٽر شير مهراڻي
- رخسانہ پريت
- ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو
- ڊاڪٽر سياش بابو
- ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنير
- عبدالله سروهي
- سائره صلاح الدين پنهور
- ادريس جتوئي
- مرلي ڌر
- ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي
- مٺل جسڪاڻي
- وسيع الدين جوٽيجو
- مصطفيٰ نانگراج
- رضا آڪاش خاناڻي
- مدهوش مير
- ڊاڪٽر سڪندر اقبال
- فهيم سومرو

**سفرنامو:**

عبدالله عثمان مورائي

**شاعري:**

دليپ ڪوٺاري
حيدر مهراڻي
نفيس نهڙي
درد 'هوش محمد' ابڙو
عزيز ڪوسو
گهايل لغاري
نويد ناز ڀٽي
راحت نياز ڀٽو

# تنهنجي پويان ڪيرُ اَسانجي، سُپرين لَهندو سارَ

ايازگل

هوءَ سنڌس ماءُ بہ هئي ۽ پيءُ بہ! نَون سالن جو هيو، جڏهن سنڌس جائز ۽ ناجائز سمورا انگل پُورا ڪندڙ "بابو" گذاري ويو هيو ۽ هُن جَل ٿَل اڪيلي ڇڏي، ٻاروهي ٻُڌتر ۾ رهندڙ دل ڪٽي اچي، سنڌس هنج ۾ ديرو ڄمايو هيو ۽ هوءَ بہ. هر طرح سان سنڌس پناهہ گاهہ ۽ ڇپر ڇانوَ ٻڻجي وئي هئي۔ پوءِ جُون ڪيتريون "صديون" هنن ٻنهي الاءِ ڪيئن ڪجهہ "سالن" ۾ گذاريون هيون. عملي زندگيءَ ۾، ان جو صحيح اندازو ڪانئس وڏيڪ سنڌس اَمڙ کي هيو. جوان ٿي بہ هُو پنهنجي ماءُ جي پاڪُر ۾ سُمهندو هيو. ٻنهي کي گهر ۔پاتين ۽ مِٽن مائٽن جي ٺوڪ بازيءَ جي ڪا پرواهہ نہ هئي. هُو ٻئي هڪ ٻئي لاءِ هئا ۽ بس!

اُنهن ڏينهن ۾، هُن پنهنجي امڙ لاءِ هڪ ٻاراڻو نظم بہ لکيو هيو، جنهن کي ٿي ويءَ تي ڳايل ٻُڌي، سنڌس امڙ ڏاڍي خوش ٿي هئي ۽ گهر ۾ آئي وَئي، هر ماڻهوءَ کي، ان لاءِ ٻُڌائي پئي خوش ٿيندي هئي:

### ماءُ

"ماءُ منهنجي مِٺي
ماءُ منهنجي مِٺي
شال جيئندي رهي

مُنهنجي ڏُک سُور تي
جنهن جو جيءُ ٿو جُهري
منهنجي سُک لئہ سدا
جا دعائون گُهري
آس جنهن جي تہ "پُٽڙو
گُلن ۾ تُري"
مون کي خوشيون ٿي ڏي
مون کان هر غم ڦري

ماءُ منهنجي مِٺي
شال جيئندي رهي

مون کي ساندي ٿي
سوگهو ڪري ساهہ ۾
لوڀ لالچ نہ ڪائي
سنڌس چاهہ ۾
مون کي چاهي ٿي جيڏو
نہ چاهي سگهان
هڪ ٿورو بہ جنهن جو
نہ لاهي سگهان

ماءُ مُنهنجي مِٺي
شال جيئندي رهي

ڪُجهہ ڪرڻ جي جڏهن
آءُ لائق ٿيان
فرض مُنهنجو تہ هُن جي
مان خدمت ڪريان
مان مِٺيءَ ماءُ جا
پير ڌوئي پيئان
اهڙو ڏينهن نہ ٿئي
ڏُک جو ڪيس ڏيان

ماءُ منهنجي مِٺي
شال جيئندي رهي"

۽ پوءِ اوچتوئي اوچتو مٿس هڪ قيامت گذري هئي، جڏهن سنڌس امڙ، اڌرنگي جو شڪار ٿي وڃي کٽ وسائي هئي. پيءُ کان پوءِ ڪيس ماءُ جي ڪسجڻ جو گهٽو ڊپ ۽ وهم وڪوڙي ويو هو. اڪثر رات جو هُو ننڊ مان ڇرڪ پري اُٿي ويهندو هو ۽ سيني تي هٿ رکي سنڌس ساهن کي جاچڻ لڳندو هو. هن کي لڳندو هو تہ هوءَ بہ پيءُ وانگر ڪيس هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو ڇڏي هلي ويندي.

فالج ۾ وڪوڙجڻ کانپوءِ لڳاتار علاج ۽ پنهنجي هٿ سان، نيٺ امڙ هوريان هوريان رڙهي هلڻ ۽ ڇچريل زبان سان ڪي لفظ ڳالهائڻ شروع ڪيا هئا تہ ڄڻ هن کي نئين زندگي ملي پئي هئي ۽ سُتت پوءِ نئين زندگي ڪيس نوڪريءَ جي صورت ۾ بہ ملي هئي. هُن سوچيو هو تہ، هُو هاڻي امڙ جي جهوليءَ ۾ هر خوشي آڻي وجهندو، شادي ڪري سنڌس دل ۾ سالن کان پلجندڙ ارمان جو پورائو ڪندو، پر "ڪرڻ واري" ڪيس ايئن ڪرڻ نہ ڏنو. هُو جڏهن ڪنهن لائق ٿيو تہ ڄڻ ڪنهن لائق نہ رهيو.

لاڙڪاڻي ۾ 1984ع ۾ نوڪري ڪندي ڪيس پنهنجي ماءُ جي پري هليو وڃڻ جي خبر ملي. ڪجهہ ڪلاڪ اڳ ئي هو ڪانئس موڪلائي اُٿي پهتو هيو. هن جي خواهش هئي تہ هوءَ سدائين جيئندي رهي، پر سڀ خواهشون ڪٿي پُوريون ٿينديون آهن! هُوءَ هلي وئي. هُو سنڌس وڃڻ کانپوءِ بہ رهيو آهي، پر ڇا واقعي هُو رهيو آهي؟

دعائن جا در بند ٿي وڃن تہ پوءِ ماڻهو هوندو ئي ڪٿي آهي؟ بي سُڪوني، هيڪلائي، ويراني ۽ ڳريس مارڪون ئي هونديون آهن! ■




اَي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

# هڪڙي جيجل امڙ ئي امن ۽ سلامتيءَ جو اُهڃاڻ آهي

نصير اعجاز



ماءُ جي قربانين، محبت ۽ سندس هستيءَ جو درجو ايترو ته بلند آهي جو مان ڪيس دنيا ۾ سڀ کان وڏي تعظيم لائق سمجهان ٿو. ڪجهه عرصي کان، دنيا کان پري پنهنجي هيڪلائپ ۾ ويهي، ڪائنات جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ هلندڙ ويڙهه ۽ رتوڇاڻ کي ڏسي محسوس ڪندو رهيو آهيان ته هڪڙي جيجل امڙ ئي امن ۽ سلامتيءَ جو اُهڃاڻ آهي.
اها ماءُ جيڪا پنهنجي ننڍڙن ٻچن جي سلامتيءَ جي ضامن هوندي آهي، اُها ئي دنيا ۾ هر انسان کي پنهنجو ٻچو سمجهي امن آڻي سگهي ٿي ۽ اهڙي هستي لازمي طور تعظيم جي لائق آهي. سچ ته منهنجي اندر هڪ اهڙي جذباتي لهر سمنڊ جيان چوليون هڻندي رهي آهي، جيڪا ماءُ جي احسانن جي مڃتا کي لفظن جو ڪو رُوپ ڏئي سگهي؛ ڪي اهڙا لفظ ملن جيڪي مائرن لاءِ انتهائي عقيدت ۽ محبت جا مظهر هجن، ۽ نيٺ مان انهيءَ نتيجي تي پهتس ته هن دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا عظيم ترين هستي آهي ته اُها ماءُ جي هستي ئي آهي.
دنيا جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ماءُ جي هنج کي سڀ کان وڏي پناهه گاهه چيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سندس ممتا جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي، جيڪا انسان کي بنا لالچ ۽ ڪنهن غرض جي، پنهنجي رت سان پالي ٿي ۽ هر ڏک تڪليف کان بچائي ٿي. مان نه رُڳو پنهنجي اَمڙ پر دنيا جي سمورين مائرن کي تعظيم جي لائق سمجهان ٿو. هونئن به دنيا جي هر تهذيب ۽ مذهب ۾ ماءُ جو احترام مقدم آهي، ڇو ته ماءُ عالمي انسانيت جي ترجمان آهي.
ڪير به انهيءَ حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهي ته انساني جذبن ۾ سڀ کان وڌيڪ پاڪيزه، بي غرض ۽ اونهو جذبو ممتا آهي. هيءُ هڪ اهڙو روحاني رشتو آهي، جيڪو نه صرف انسان جي وجود جو بنياد آهي، پر جنهن جي آغوش ۾ پوري انسانيت پروان چڙهي ٿي. جڏهن اسان پنهنجي وجود ۽ زندگيءَ جي سفر تي نظر وجهون ٿا، ته اسان کي هر موڙ تي هڪ اهڙي هستي نظر اچي ٿي، جنهن پنهنجي رت کي ڪير بنائي اسان جي آبياري ڪئي. منهنجا هي خيال ان عظيم هستي يعني ماءُ جي قدمن ۾ عقيدت جو هڪ ننڍڙو گل آهن.
ماءُ کي پيءُ ڏيڻ لاءِ هي ڪي رڳو جذباتي جملا ناهن، پر ان گهري لڳاءَ ۽ انهن لکين احسانن جو اعتراف آهي، جيڪي هڪ ماءُ پنهنجي اولاد تي بنان ڪنهن صلي جي ڪري ٿي. سندس قدمن هيٺان جنت جي هجڻ واري پُراڻي چوڻي به رُڳو لفاظي ناهي، پر اها هڪ حقيقت آهي جنهن کي هر حساس دل محسوس ڪري سگهي ٿي.
جڏهن دنيا جون تلخيون ۽ وقت جون تيز هوائون انسان کي ٿڪائي وجهنديون آهن، تڏهن ماءُ جي دعا ۽ سندس پيار پريو هٿ سڀ کان وڏي آٿت بڻجي سامهون ايندو آهي. هيءَ اها ممتا آهي جيڪا بنان ڪنهن غرض جي، پنهنجي اولاد کي هر ڏک ۽ تڪليف کان بچائڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيندي آهي.

> ”جڏهن مان خبرن ۾ رتوڇاڻ ۽ جنگيون ڏسان ٿو/اهو پراڻو خوف موٽي اچي ٿو/۽ مون کي ٻيهر ننڍڙو ٻار بڻائي ڇڏي ٿو/مان ڪيس (ماءُ کي) هر پاسي ڳولهيان ٿو/ پر هوءَ هاڻي هن دنيا ۾ ناهي/ منهنجي لاءِ، رڳو سندس نالو ئي امن جو ٻيو روپ آهي/منهنجي دل چاهي ٿي ته ڪاش! مان هڪ ڀيرو ٻيهر سندس هنج ۾ لڪي سگهان.“

هيءَ عقيدت صرف ڪنهن هڪ امڙ تائين محدود ناهي، پر هي دنيا جي سمورين مائرن لاءِ هڪ عالمي پيغام آهي. جيئن دنيا جي هر تهذيب، مذهب ۽ خطي ۾ ماءُ جو احترام مقدم رهيو آهي. اهڙي طرح سنڌي ثقافت ۾ به عالمي سماج جيان ماءُ جو مقام مٿانهون آهي.
جڏهن اسان سمورين مائرن جي ڳالهه ڪريون ٿا، ته اسان اصل ۾ ان آفاقي انسانيت جي ترجماني ڪريون ٿا، جيڪا محبت ۽ امن جي درس تي ٻڌل آهي. احترام جڏهن پنهنجي معراج تي پهچندو آهي، ته اهو هڪ روحاني ڪيفيت اختيار ڪري وٺندو آهي. منهنجي سوچ جو محور اهو آهي ته اسان جي دلين ۾ مائرن لاءِ ايترو ته پيار ۽ عزت هجي، جو اسان جو هر عمل سندن خدمت ۽ خوشي لاءِ وقف هجي. ماءُ جي محبت هڪ اهڙو درياهه آهي جيڪو ڪڏهن به سُڪي نٿو. هُوءَ ٻڙ جو اهڙو ڇانوريدار وڻ آهي، جنهن جي ٿڌي ڇانو ۾ ئي روح کي سڪون ملي ٿو.
مجموعي طور تي، ماءُ جي هستي هڪ اهڙو معجزو آهي، جنهن جي تعريف لاءِ لفظ گهٽ پئجي ويندا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان ان عظيم هستيءَ جو نه صرف زبان سان اعتراف ڪريون، پر عملي طور به سندن قدمن جي خاڪ کي پنهنجي اکين جو سرمو بنايون.
مون ڪجهه ڏينهن اڳ ئي ماءُ جي حوالي سان هڪ مختصر نظم انگريزيءَ ۾ لکيو هو، جيڪو ٻاهرين دنيا ۾ شائع ٿيو. هتي انهيءَ جو سنڌي ترجمو پيش ڪريان ٿو.

### ماءُ، جنگ ۽ امن

”امن مون کي منهنجي ماءُ جي هنج جهڙو لڳندو آهي
جڏهن مان ٻار هيس ۽ منهنجا دوست پاڻ ۾ وڙهندا هئا
تڏهن مان ڊوڙي وڃي ماءُ جي هنج ۾ لڪندو هيس.
پنهنجو مٿو سندس هنج ۾ لڪائيندو هيس ته
سڄي دنيا ۾ ماٺار ٿي ويندي هئي.
جيئن ئي هوءَ پيار سان منهنجي وارن تي هٿ رکندي هئي،
مون کي يقين ٿي ويندو هو ته مان هاڻي
هر خطري کان محفوظ آهيان.
هاڻي مان وڏو ٿي ويو آهيان،
پر هيءَ دنيا اڃا تائين گوڙ گهمسان واري آهي؛
جڏهن مان خبرن ۾ رتوڇاڻ ۽ جنگيون ڏسان ٿو
اهو پراڻو خوف موٽي اچي ٿو
۽ مون کي ٻيهر ننڍڙو ٻار بڻائي ڇڏي ٿو.
مان ڪيس (ماءُ کي) هر پاسي ڳولهيان ٿو.
پر هوءَ هاڻي هن دنيا ۾ ناهي.
منهنجي لاءِ، رڳو سندس نالو ئي امن جو ٻيو روپ آهي.
منهنجي دل چاهي ٿي ته
ڪاش! مان هڪ ڀيرو ٻيهر سندس هنج ۾ لڪي سگهان.“

منهنجو هيءُ نظم تمام سادي پر اثرائتي نموني ٻڌائي ٿو ته هڪ ماڻهو چاهي ڪيڏو به وڏو ٿي وڃي، پر دنيا جي وڳوڙن ۽ جنگين کان پناهه ڪيس صرف ماءُ جي هنج ۾ ئي ملندي آهي، ۽ انهيءَ ڪري ئي اڄ مان ماءُ کي سجدو ڪرڻ چاهيان ٿو. ■



اي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

# منهنجي امڙ، جيڪا سچ ڏسڻ جي تمنائي هئي: ان بعد اسان لئہ اونده ٿي وئي

ڊاڪٽر شير مهراڻي

اج امان جي وڇوڙي کي ائون سال آهي. انهن ائن سالن جي ڏينهن ۾ ڪو هڪ ڏينهن بہ اهڙو ناهي گذريو جو مون امان کي ياد نہ ڪيو هجي. هوءَ هڪ معصوم دل رکندڙ عورت هئي.



سگريٽ ڇڪيندي هئي. منهنجي ڌيءَ سورٺ اڪثر چوندي آهي تہ، ”دادو جڏهن ڪٽ تي خاموشي سان سگريٽ ڇڪيندي هئي تہ مون کي هوءَ مينهن ۾ پنل ڪنهن گهاٽي نم جي وڻ وانگر لڳندي هئي، جنهن جون لامون پاڻيءَ ۾ پُسڻ سبب جهڪي وينديون آهن.“ سورٺ ايئن بہ چوندي آهي تہ، ”مون کي دادو ڪنهن فلسفيءَ وانگر پراسرار لڳندي هئي.“ مون وانگر سورٺ بہ امان سان گهڻو پيار ڪندي آهي. هن اج بہ تي سگريٽ ڪتل امان جي سگريٽن جو پيڪٽ ۽ لئي جي سنهڙي لٺ سنڀالي رکي آهي، جيڪا هوءَ آخري ڏينهن ۾ پاڻ سان کڻندي هئي.

امان 2018ع ۾ ڪجهہ ڏينهن لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ داخل رهي، جتي جي ماحول کان بيزار ٿي مون کي چيائين تہ، ”اج ڏهون ڏينهن آهي، مون سچ ناهي ڏٺو. مونکي جلدي ڳوٺ موڪل تہ وڃي سچ ۽ وڻ ڏسان!“ امان ڳوٺ هلي وئي ۽ ستت ئي اسان کي سوڳوار ڪري موڪلائي وئي. سندس وڇوڙي سان ڄڻ تہ اسان جي ڪائنات خاموش ٿي وئي. هڪ دنيا ويران ٿي وئي؛ امان جي ڪٽ، هنڌ ۽ سمهڻ جي مخصوص جاءِ ٻُسي ٿي وئي. زندگيءَ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو. زندگيءَ تان ڀروسو ختم ٿي ويو.

امان جا پنهنجا قدر هئا. هن ڪڏهن بہ ڪنهن سواليءَ کي پنهنجي گهر جي در تان هٿين خالي نہ موٽايو. لسي، کير، مکڻ يا گيهہ وڪڻڻ عيب سمجهندي هئي. هوءَ واڌو کير، لسي ۽ مکڻ اوڙي پاڙي ۾ ورهائي ڇڏيندي هئي. هر جمعي تي نياز ننگر ڪندي هئي. سموري ڳوٺ جي شادين مرادين ۽ غمين ،فوتين ۾ ضرور شرڪت ڪندي هئي. فوتگي ٿيل گهر خالي هٿين نہ ويندي هئي. گهر آيل مهمان کان هٿين خالي نہ موڪلائيندي هئي، ان کي پئسو پنجڙ يا رئو پوتي ضرور ڏيندي هئي.

توڙي جو امان اڻپڙهيل هئي، پر سندس ٻولي ڏاڍي خوبصورت هئي، اهڙي جهڙي ڪنهن شاعر يا ليکڪ جي هجي. پنهنجي ٻوليءَ جو اهڙو سهڻو لهجو سموري زندگي مون ڪڏهن ڪنهن استاد کان بہ ناهي ٻڌو؛ جهڙو ٻاجهارو ٻول مون امان کان ٻڌو هو. هن جا هي جملا مون کي اڪثر ياد رهندا آهن:

- ”هر جهان جي ٻچن جو خير، انهن جي صدقي منهنجي ٻچن جو بہ خير.“
- لسي ٻچي پئي آهي؛ وڌائي ڇڏيو.“ (امان کير يا لسي جي لاءِ لفظ ”هارڻ“ ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪيو).
- ”فلان کي نانگ ڪکي ويو آهي.“ (نانگ جو ڏنگ يا نانگ جو چڪ پائڻ امان ڪڏهن بہ نہ چيو).
- ”ڪاڌو يا نياز گل ٿي ويو.“ (ڪاڌو يا نياز کپي وڃڻ جهڙو جملو چوڻ عيب سمجهندي هئي.)
- ڳئون يا مينهن ڳيجڻ تي چوندي هئي، ”چال/پوري/ڪونج/ڪندي سائي ٿي وئي آهي.“ (امان هر مينهن يا ڳئون جو نالو رکندي هئي. ڪڏهن بہ ڪنهن ڍور کي نالي ڪانسواءِ نہ سڏيندي هئي.)
- ”سامي ڪٽي ڇڏي هوندن.“ (هن ڪڏهن بہ ”قبر کوٽڻ“ نہ چيو) _ ۽ اهڙا ڪيترائي جملا اڄ بہ ڪنن ۾ ٻُرن ٿا.

امان جي سموري زندگي سادگي ۽ سچائي سان گذري. منهنجي شديد خواهش آهي تہ دنيا جي هر ماءُ کي امان وانگر هجڻ گهرجي. ايئن بہ لڳندو اٿم تہ دنيا جي هر ماءُ پنهنجي اولاد لاءِ امان وانگر ئي هوندي. ■

# ماءُ جيون جو بنياد رکندڙ رشتو

**اولاد جي زندگين ۾ مائرن جو هجڻ هڪ وڏي خوشنصيبي آهي. ماءُ جي موجودگي ٻارڙن جي جيون کي ڪيترو سولو ۽ خوشگوار بڻائي ٿي ڇڏي، ان جو ڪير تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ها! تنهن ڪري هر اولاد کي پنهنجي والدين خاص ڪري پنهنجي امڙ جو قدر ڪندي ڪيس ممڪن حد تائين خوش رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.**

رخسانہ ”پريت“



اڄ مائرن جو عالمي ڏينهن آهي. سچ پچ تہ ماءُ بابت لکڻ بلڪل ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڪوزي ۾ سمنڊ سمائڻ هجي. ان رشتي ۾ ايتري تہ وسعت، ايتري تہ گهرائي ۽ عميقي احساس سمايل آهي، جو لکڻ ويل لفظ پکين جي ولرن جيان سامهون اڏامندي تہ نظر ايندا آهن، پر ماءُ جي عظمت کي قلمبند ڪرڻ لاءِ فيصلو ناهي ڪري سگهبو تہ، ڪهڙو لفظ لکجي، جيڪو ان هستيءَ جي عظمت سان انصاف ڪري سگهي. ماءُ ۽ پيءُ جهڙي طريقي سان اولاد کي سندن جيون لاءِ هڪ مضبوط بنياد فراهم ڪن ٿا، جنهن تي سندن مڪمل شخصيتون ٺهن ٿيون، شايد اهڙو بنياد ٻي ڪا بہ شئي يا ڪو بہ رشتو مهيا نہ ڪري سگهي.

ماءُ ئي اهو رشتو آهي، جيڪو اولاد جي شروعاتي سنڀال کان وٺي جوانيءَ تائين صحت، تعليم ۽ سٺي ڪردار لاءِ هميشہ ڪوشان رهندو ايندو آهي. اوهان جي شخصيت جي تڪميل لاءِ ماءُ تہ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ اڌوري رهجي ويندي آهي. ٻارن جي خوشين لاءِ ماءُ ۽ پيءُ خبر ناهي پنهنجين ڪيترين ذاتي خواهشن تان هٿ کڻي ويندا آهن ۽ اولاد جي بهتر مستقبل لاءِ انيڪ قربانيون ڏيندا رهندا آهن.

اهو بہ سماج جو هڪ الميو آهي تہ، ماءُ جهڙو عظيم ڪردار نڀائيندڙ عورت جي زندگي انتهائي ڏکين حالتن ۾ گذرندي آهي. سندس لاءِ ائين ناهي سوچيو ويندو، جيئن هوءَ پنهنجي اولاد ۽ خاندان لاءِ هميشہ قربانين جو پيڪر بڻجي زندگي گذاريندي آهي.

هتي آئون اهو چوڻ چاهينديس تہ جتي ماءُ انيڪ اوجاڳا سهي، پنهنجين خواهشن کي ماري، بي انتها جسماني مشقت ڪري، پنهنجي خاندان ۽ ٻارن جي سار سنڀال ڪري ٿي، موٽ ۾ ان جا پڻ خاندان تي ڪيترائي فرض عائد ٿين ٿا. ماءُ جي جسماني ۽ ذهني صحت کي بهتر رکڻ لاءِ اولاد کي پڻ پنهنجو مڪمل ڪردار نڀائڻ گهرجي. کيس آرام ڏيڻ گهرجي ۽ سير و سياحت جو پڻ اهتمام ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ جيترو ممڪن ٿي سگهي، اهو ڪجي.

اولاد جي زندگين ۾ مائرن جو هجڻ هڪ وڏي خوشنصيبي آهي. ماءُ جي موجودگي ٻارڙن جي جيون کي ڪيترو سولو ۽ خوشگوار بڻائي ٿي ڇڏي، ان جو ڪير تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي. ها! اهي ٻار، اهو سچ ضرور ڄاڻندا هوندا، جن جون مائرون سندن زندگيءَ ۾ ناهن رهيون. انهن لاءِ امڙ بنا زندگي ڪيڏي نہ اذيتناڪ بڻجي ويندي هوندي، اهو هُو چڱي طرح ڄاڻندا هوندا. ماءُ جي شفقت بنا زندگي ڄڻ ڪنڊن واري گس جيان ٿي ويندي آهي، جنهن تي هلندي هر ڏينهن پير زخمجندا رهندا آهن.

تنهنڪري مائرون، اولاد لاءِ وڏي وٿ، وڏي مدد هونديون آهن. اولاد جي ڪامياب زندگين پٺيان سندن مائرن جو وڏو ڪردار هوندو آهي، ان ڪري هر اولاد کي پنهنجي والدين خاص ڪري پنهنجي امڙ جو قدر ڪندي ڪيس هر ممڪن حد تائين خوش رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ■

# سوچيندو آهيان تہ ڪنهن ڏينهن در کُلندو ۽ امڙ اچي چوندي، ”سوچيم: هلندي هلندي جمشيد وٽان ٿيندي وڃان“

جمشيد عادل هاليپوٽو



هر ماءُ وانگر اسان جي ماءُ بہ اسان ڇهن ڀائرن ڀينرن کي گهڻي پيار ۽ لاڏ سان پاليو. منهنجي پيدائش حيدرآباد تعلقي ۾ ٿي ۽ پوءِ شروعات وقت، بقول امان جي، اسان جي رهائش مڪلي، ضلعي ٺٽي ۾ هئي. ان دور ۾ بابا گريڊ_16 ۾ اليڪشن آفيسر هو. پوءِ اسين جلد بابا جي ٽرانسفر ٿيڻ ڪانپوءِ حيدرآباد اچي وياسين. حيدرآباد ۾ اسين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل واري علائقي ۾ گهڻو وقت رهياسين. اسان سان پاڙي ۾ لاڙڪاڻي جي سائين در محمد ملاح وارن جي فئملي بہ هوندي هئي. ٻئي پاسي وري ڏيپلائي ميمڻ جو گهر هو.

حيدرآباد واري رهائش دوران امان سان ٻاروتڻ ۾ ريشم گليءَ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن وڃڻ ٿيندو هو. اُتي ڪوهہ نور سينيما بہ هوندي هئي. اسان جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل واري گهر کان، گاڏي کاتي کان، ريشم گلي تائين آئون ڀانيان ٿو تہ ڪو 3 يا 4 ڪلوميٽر پنڌ ٿيندو، پر ان ۾ ڪي 5 سينيمائون هونديون هيون: وينس سنيميا، هل ٽاپ، بمبينو، فردوس ۽ ڪوهہ نور. شايد ان وقت فلمن جا شوقين گهڻا هئا. امان ۽ بابا اسان کي ڪڏهن بہ سنيما تي فلم ڏسڻ ڪونہ ڏيندا هئا.

وينس سينيما ۾ مون پنهنجي سئوٽ سان گڏ هڪ فلم ڏٺي هئي، سا بہ تڏهن جڏهن چاچا وارا ڪراچي مان آيا هئا ۽ اسان جي سئوٽ چيو هو تہ، ”فلم سپرمين ڏسنداسين.“ پوءِ امان مون کي موڪل ڏني ۽ آئون ۽ منهنجو سئوٽ مدد علي سنڌي جي پاءُ، اڳوڻي ليگل ايڊوائيزر ۽ رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي مشتاق قريشي سان گڏ وينس سينيما ۾ سپرمين فلم ڏسڻ ويا هئاسين.

بابا ۽ چاچا عبدالقادر هاليپوٽو جي چوڻ تي سائين مشتاق قريشي اسان کي سينيما وٺي ويو هو. بابا وارا ٻڌائيندا هئا تہ قريشي صاحب وارن جي پنهنجي هڪڙي سنيما بہ هوندي هئي، جنهن نالو شايد قيصر سنيما يا ڪو ٻيو نالو هئو.

ننڍپڻ ۾ اسان امان جي هٿان ڪڏهن ڪڏهن مار بہ کاڌي. جڏهن گهڻي ڪاوڙ ايندي هئس تہ پوءِ ٿوري گهڻي اسان جي مرمت ان طريقي سان ڪري ڇڏيندي هئي. پر گهڻو ڪاوڙ ڪڏهن بہ امان جي مون ڪانہ ڏٺي. امان جي پنهنجين ننڍين ڀينرن سان بہ گهڻي دل هئي. اسان جي وڏي مامي جي گهرواريءَ سان گهڻي دوستي هئس.

آئون جڏهن گهڻي جاکوڙ ڪانپوءِ لنڊن پي ايڇ ڊي ڪرڻ ويس تڏهن امان گهڻو اونو ڪندي هئي. امان مون کي ڊيٽا ڪليڪشن ۾ گهڻي مدد ڪرائي، پر افسوس جو جنهن مهل منهنجو ٿيسز ڊيفنس ٿيو تہ امان هي جهان ڇڏي چڪي هئي. آخري ڀيرو اسين ڪراچيءَ ۾ مليا هئاسين. اهو ڪو 2009ع جو سال هو. امان منهنجي دعوت بلاول هائوس چورنگيءَ لڳ باربي ڪيو ٽو نائيٽ تي ڪئي هئي ۽ پوءِ صبح جو سوير، ڇهين وڳي واري قطر ايئر لائينز ۾ آئون واپس پڙهائي لاءِ لنڊن روانو ٿي ويو هئس.

تنهن ڪانپوءِ مون امان کي صرف هڪ ڀيرو آن ويڊيو ڪال تي ڏٺو هو. تنهن مهل بہ کيس مون کان وڌيڪ فڪر هو تہ، مون واري پي ايڇ ڊي ڪٿي پهتي، پر امان وٽ وقت گهٽ هو ۽ هوءَ 23 مارچ 2010ع تي هميشہ لاءِ هلي وئي. پوءِ جڏهن آئون لنڊن کان حيدرآباد پهتس تہ مون امان کي نہ، پر سندس قبر کي ڏٺو.

امڙ هاڻ بہ ياد اچي ٿي ۽ لڳندو آهي تہ ڪنهن ڏينهن در کُلندو ۽ ايئن چوندي تہ، ”مون چيو، هلندي هلندي جمشيد وٽان ٿيندي وڃان،“ پر ائين الائي ڪڏهن ٿئي.

امڙ جو اوچتو وڇوڙو گهڻو وقت ناقابل اعتبار رهيو، پر وقت سان گڏ هاڻ جڏهن بابا بہ وفات ڪري ويو آهي تہ يتيم ٿي رهڻ لاءِ پاڻ کي پختو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. پر پوءِ بہ اڪيلائيءَ ۾ امان ۽ بابا جي کوٽ محسوس ڪندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ لڙڪ وهي پوندا آهن، پر وري پاڻ کي پرڇائي لوڪ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري وٺندو آهيان. الله سائين امان کي جنت ۾ جايون ڏئي ۽ امان ۽ بابا جي مغفرت ٿئي. ■

”جڏهن ٻه ڪا ماءُ /مري ويندي آهي! تڏهن هڪ ڪهڪشان ٻه/مري پوندي آهي!“ _ سياش بابو

# مون امان مارئيءَ جو ٻيو روپ امان مهروءَ ۾ ڏٺو

ڊاڪٽر سياش بابو



مون پنهنجي هڪ نظم ۾ لکيو هو ته، ”جڏهن ٻه ننڍپڻ ۾ ننهڻ اُس ۾ رُلندي رُلندي ٿڪجي پوندا هئاسين، ته ڊوڙي اچي ماءُ جي هنج ۾ پناهه وٺندا هئاسين.“ اڄ ٻه سوچيان ٿو ته، ماڻهو ته زندگي جي ننهڻ اُس ۾ پهچي سڄي ڄمار رلندو ئي رهي ٿو، پر ماءُ جهڙو ڇانورو ڪٿي؟ ماءُ جهڙي هنج ڪٿي؟ جتي ٿائنيڪو ٿي سمهي رهجي. ماءُ جي هنج جهڙي ٻي ڪا محفوظ پناهه گاهه آهي ڇا؟ شايد ماڻهوءَ جي سڄي زندگيءَ جو سفر ماءُ جي هنج جي ڳولا آهي.
فطرت ۾ انسانن توڙي حيوانن ۾ خوبصورت جذبو پيار ئي آهي. پيار کان مٿي ٻه ڪا شئي آهي ڇا؟ اهو جذبو اسان کي ماءُ ئي سيکاريو، ماءُ ئي ڏيکاريو. ماءُ جو پيار، جنهن کي اسين ”مامتا“ سڏيون ٿا. ان جهڙي مٺي شئي دنيا ۾ آهي ئي ڪونه. جيڪڏهن آئون اهو چوان ته، ان ۾ ٻه ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته، انساني زندگيءَ جا جيڪي ٻه خوبصورت جذبا آهن، اُهي سڀ ماءُ جي ذات ۾ ئي شامل آهن. فطرت جو جيڪو سڀاجهڙو روپ آهي، اُهو ڄڻ ماءُ جو پَرتوو آهي. فطرت ۾ اڃا ٻه ڪنورتا نظر اچي ٿي، پر ماءُ ۾ فقط مذرتا آهي. ماءُ ۾ فقط ڪوملتا آهي. ماءُ فطرت جو خوبصورت روپ آهي!
مائرون سدائين ياد رهنديون آهن. ماءُ ئي اُها هستي آهي، جنهن وٽ ڏُک ڏور ٿي ويندا آهن. ڏُک ڏوربا ئي ماءُ سان آهن، ڇو جو ماءُ وٽ آٿت آهي. ماءُ تسلي ۽ ڏيان سان ٻڌندي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعري ۾ هران گهڙيءَ ماءُ کي ياد ڪري ٿو ۽ ڪيس پُڪاري ٿو، جڏهن ڪيس ڏک ڏسڻ ۾ اچن ٿا يا وري زندگيءَ جي ڪنهن مظهر کي سمجهڻ چاهي ٿو، ڪنهن ڪردار جو سُور سلڻ چاهي ٿو. ”ويا خيال ڪٿي! ماءِ، منهنجو ڄندڙو.“
جڏهن ٻه بيحد ڏک جي ڳالهه آهي، اٿاهه پيار جي ڳالهه آهي ته شاهه سائينءَ جي شاعري ۾ ماءُ جو ذڪر آهي.
”آيل ڪريان ڪيئن

> امان جيڪو مون کي ڏنو، ان جو ته دنيا ۾ نعم البدل ئي ڪونهي، منهنجي امان، جنهن وٽ رڳو پيار هو، ڪابه ڪاوڙ ڪانه هئي، ڪوبه ساڙ نه هو، ڪابه لالچ ڪانه هئي. امان بس سراپا محبت هئي. دنيا جون سڀ مائرون اهڙيون ئي هونديون آهن. مائرن کي ياد ڪجي ۽ نبي سر روڊ جي امان مهرالنساءَ لغاري عرف امان مهرو کي ياد نه ڪجي، اهو ڪيئن ممڪن آهي. مامتا جي تاريخ ته پوءِ اڌوري ئي چئبي. امان، مارئي جو ٻيو روپ، مون امان مهروءَ ۾ ڏٺو.

منهنجو نينهن اَپليو نه رهي.
ويو وٽجارو اوهري مون کي چاڙهي چيئن.“
منهنجي خيال ۾ دنيا ۾ پهريون شعر ٻه ماءُ ئي چيو هوندو! اُهو ئي سبب آهي جو ڪيترن وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۾ ماءُ جو ذڪر ۽ ماءُ جو اثر نظر اچي ٿو. شايد ڌرتيءَ تي پهرئين ڪهاڻي ٻه ماءُ ئي ٻڌائي هوندي. ماءُ کان وڌيڪ حسين ڪهاڻيڪار ڪير ٿي سگهي ٿو. مشهور جرمن اديب گوئٽي هڪ هنڌ لکيو آهي ته، ”آئون فائوسٽ جهڙا شاهڪار ڪونه لکي سگهان ها، جيڪڏهن منهنجي ماءُ مون کي ڪهاڻيون نه ٻڌايون هجن ها!“
هن موقعي تي مون کي ٻه پنهنجي امڙ ياد اچي رهي آهي ۽ ان سان گڏ اُهي ڪجهه عورتون پڻ، جن جنم ته ڪونه ڏنو هو، پر انهن جو پيار ۽ انهن جو ورتاءُ ماءُ جهڙو ئي هو. آئون انهن کي ٻه پنهنجون مائرون سمجهندو آهيان. مون کي جنم ڏيندڙ امڙ، جنهن کي آئون ”امان“ سڏيندو هئس، سندس نالو مارئي هو. ورهاڱي جي اٿل پُٿل وقت حيدرآباد ضلعي ۾ سندس جنم ٿيو. جيئڻ ته هوءَ انبن ۽ هوائن جي ديس ۾ وڏي ٿي، ان ڪري سندس سڀاءُ ۾ ٻه اُهوئي ڌيرج ۽ ميناج هو. مون ٻه پنهنجي زندگي ۾ سڀ کان پهريان شعر ۽ ڪهاڻيون امان کان ئي ٻڌيون هيون. شعر جيڪي ميران ٻائي ۽ ٻين شاعرن جا هئا، باقي سندس ڪهاڻيءَ جو پسمنظر درسي ڪتائون ۽ لوڪ داستان ئي هئا. هوءَ اڪثر ڪرشن ڀڳوان جون ننڍپڻ جون ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي ۽ اسين ٻار ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين. مون پنهنجو شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”وفا جي سفر ۾“ امان کي ئي ارپيو هو. مون پنهنجي پهرئين تخليق امان کي ارپي، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪيس ڇا ٿي ڏئي سگهيس.
امان جيڪو مون کي ڏنو، ان جو ته دنيا ۾ نعم البدل ئي ڪونهي، منهنجي امان، جنهن وٽ رڳو پيار هو، ڪابه ڪاوڙ ڪانه هئي، ڪوبه ساڙ نه هو، ڪابه لالچ ڪانه هئي. امان بس سراپا محبت هئي. دنيا جون سڀ مائرون اهڙيون ئي هونديون آهن.
سندس وڇوڙي تي مون لکيو هو:
”جڏهن ٻه ڪا ماءُ
مري ويندي آهي!
تڏهن هڪ ڪهڪشان ٻه
مري پوندي آهي!“

مائرن کي ياد ڪجي ۽ نبي سر روڊ جي امان مهرالنساءَ لغاري عرف امان مهرو کي ياد نه ڪجي، اهو ڪيئن ممڪن آهي. مامتا جي تاريخ ته پوءِ اڌوري ئي چئبي.
امان، مارئي جو ٻيو روپ، مون امان مهروءَ ۾ ڏٺو. امان مهرو هڪ عظيم عورت آهي. هن جي رڳ رڳ ۾ مامتا ڀريل آهي. هڪ اهڙي عورت، جنهن کي پاڙي جا سڀ ٻار، ڳوٺ جا سڀ ٻار پنهنجي ماءُ سمجهن. منهنجي خيال ۾ ان کان



وڌيڪ هڪ عورت کي ٻيو ڪهڙو ٽريبوٽ پيش ڪري سگهجي ٿو. امان مهروءَ جو گهر جهڙو ڪر ڪو ننڍڙو آشرم! دل چوي، جڏهن ٻه دل ڀرجي اچي، اتي وڃي وسرام ڪجي! هڪ درويش عورت، هڪ ڪامريڊ عورت، جنهن سان ڳالهيون ڪندي ڪندي جيءُ هلڪو ٿي وڃي. امان مهرو مون کي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن شاهڪار ناول جو ڪردار لڳندي آهي.
امان مهرو وٽ ٻه ڪيئي ڪهاڻيون آهن. آئون خوش نصيب آهيان جو سندس قدمن ۾ ويهي مون ڪهاڻيون ٻڌيون آهن.
امان مهروءَ جي اڪيلائيءَ کي ڏسي مون کي گبرئيل گارشيا مارڪيز جو ناول ”اڪيلائي جا سئو سال“ ياد ايندو آهي.
هوءَ هاڻي سنڌ جي هاري تحريڪ جي اڪيلي شاهد عورت آهي، جنهن وٽ سنڌ جي تاريخي جدوجهد جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون آهن، جيڪي حقيقتون ٻه آهن. مائرن سان ئي هيءَ ڪائنات خوبصورت آهي.
دنيا جي سڀني مائرن کي منهنجو سلام. ■

ڪاوش دنيا

# امڙ اسان جي گهر جي منتظم ۽ ذميوار سربراه هئي

عبدالله سروهي





اڄ سڄي دنيا ۾ ”ماءُ جو عالمي ڏينهن“ ملهايو پيو وڃي، ان موقعي تي ماڻهو پنهنجين امڙين کي ڀيٽا پيش ڪري ان عظيم ۽ بي لوث رشتي کي مڃتا ڏئي رهيا آهن، پر مون جهڙا لکين ماڻهو اهڙا به آهن، جن جون امڙيون هاڻي هن دنيا ۾ موجود ناهن، ۽ سندن يادون ئي اسان جي زندگيءَ جو قيمتي سرمايو بڻيل آهن. منهنجي امڙ هڪ عظيم عورت هئي، جنهن نه صرف پنهنجي پنجن پٽن ۽ ٽن نياڻين جي بهترين نموني پرورش ڪئي، پر اسان جي ٻن سئوٽن ۽ ٻن سئوٽين کي به پنهنجي ٻارن وانگر پاليو. جيئن اڳ ۾ ڳوٺاڻن علائقن ۾ گڏيل خاندانن جو رواج هوندو هو، تيئن اسان جو به گڏيل ڪٽنب هو. اڄ جي دور ۾ اهو رواج گهٽو گهٽجي ويو آهي، پر ان دور جون محبتون، قربانيون ۽ هڪٻئي لاءِ احساس اڄ به دلين ۾ زنده آهي.

امڙ اهڙو رشتو آهي، جيڪو انسان کي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ به پنهنجي وجود ۾ سانديي ٿو ۽ دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ به پنهنجي جان کان وڌيڪ سنڀالي ٿو. ماءُ پنهنجي ٻار کي ان عمر تائين پهچائڻ لاءِ هر تڪليف برداشت ڪري ٿي، جيسين هو پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ جي قابل نه ٿئي.

مون جڏهن کان هوش سنڀاليو، تڏهن کان پنهنجي امڙ کي گهر جي منتظم ۽ ذميوار سربراه طور ڏٺو. سياري جي ٿڌين صبحن ۾ اسُر ويل ڏڌ ولوڙڻ کان وٺي شام جو مينهون ڏهڻ تائين، گهر جي صفائي، سترائي، مهمان نوازي ۽ گهر جي ٻين عورتن کان ڪم وٺڻ تائين هر ذميواري امان جي نگرانيءَ هيٺ هوندي هئي. اڄ جيتوڻيڪ وقت بدلجي ويو آهي، پر منهنجي ڀينرن ۽ گهر جي ٻين عورتن جي تربيت ۾ امان جي ڏنل سکيا اڄ به نمايان نظر اچي ٿي.

امڙ صرف گهرڏياڻي نه هئي، پر هوءَ ذميواري نڀائڻ جو عملي مثال هئي. اسان کي اسڪول لاءِ تيار ڪرڻ، پڙهائيءَ جو خيال رکڻ ۽ هر ننڍي وڏي ضرورت پوري ڪرڻ سندس معمول هو. پوءِ پڇلي اهو ڪم بعد ۾ وڏين ڀينرن حوالي ٿيو، پر امان پنهنجي پوڙهائپ تائين پاڻ کي ڪم ڪار کان پري نه رکيو.

منهنجي امڙ 2016ع تائين اسان سان گڏ رهي، ۽ پوءِ دنيا جي دستور مطابق اسان کان وڇڙي هميشه لاءِ ابدي آرامي ٿي وئي، پر سچ اهو آهي ته ماءُ ڪڏهن به دلين مان جدا نه ٿيندي آهي. سندس محبت، دعائون ۽ سيکاريل ۽ سمجهايل ڳالهيون هميشه اولاد جي زندگيءَ جو حصو بڻيل هونديون آهن.

آئون 1990ع واري ڏهاڪي ۾ روزگار لاءِ ڪراچي آيس. ان وقت شهر جون حالتون انتهائي خراب هيون. امان هميشه چوندي هئي: ”ابا، ڪراچي ڇڏي واپس اچ، اهڙي نوڪريءَ کي باهه ڏي جنهن ۾ جان جو خطرو هجي.“ ۽ آئون کيس چوندو هئس: ”امان، توهان جون دعائون اسان سان گڏ آهن، پوءِ اسان کي ڇا ٿيندو؟“ اڄ به يقين آهي ته ماءُ جون اهي دعائون ئي آهن، جيڪي زندگيءَ جي هر ڏکي گهڙيءَ ۾ حفاظت جو سبب بڻجن ٿيون.

ماءُ دنيا جو اهو بي لوث رشتو آهي، جيڪو پنهنجي اولاد لاءِ بنا ڪنهن لالچ جي محبت، قرباني ۽ دعا ڏئي ٿو. جن ماڻهن هن رشتي جو قدر نه ڪيو، انهن کي زندگيءَ ۾ ذليل ۽ پشيمان ٿيندي اسان ڏٺو آهي.

اسان جي امڙ ته هاڻي هن دنيا ۾ ناهي رهي، پر هر ماءُ عزت ۽ احترام جي لائق آهي. جن جون مائرون اڃا زنده آهن، انهن کي گهرجي ته هو سندن خدمت ڪن، ساڻن گڏ وقت گذارين ۽ سندن محبتن جو قدر ڪن، ڇاڪاڻ ته وقت ڪنهن جو انتظار نه ڪندو آهي. جڏهن ماءُ هن دنيا مان هلي ويندي آهي، تڏهن صرف يادون، دعائون ۽ زندگي ڀر جو پڇتاءُ رهجي ويندو آهي.

اچو ته اڄوڪي ڏينهن تي پنهنجين امڙين کي سلام پيش ڪريون. جيڪڏهن اهي زنده آهن ته سندن چانورين ۾ ويهي پنهنجي ٻالڪپڻ جون يادون تازيون ڪريون، ۽ جيڪڏهن هن دنيا ۾ ناهن ته کين دعائن ۾ ياد ڪري سندن محبتن کي پنهنجي دلين ۾ هميشه لاءِ زنده رکون. ■

# ماءُ ۽ بس ماءُ

فهيم سومرو



مائرن جي عالمي ڏينهن تي اسان گل، تحفا، سيلفي، سوشل ميڊيا تي پوسٽ ۽ خوبصورت لفظن سان پنهنجي ماءُ سان محبت جو اظهار ڪندا آهيون. پر ڇا اهو ان ڏکايل، ٿَڪل، ٽُٽَل، غَمگين، جدايون، خوشيون، طعنا ۽ مِهڻا برادشت ڪندڙ ماءُ جي لاءِ ڪافي هوندو آهي؟ بلڪل نه! ماءُ کي اصل ۾ سندس اولاد پاران عزت گهرجي. هوءَ صرف اُهو چاهي ٿي ته سندس اولاد ساڻس گڏ وقت گذاري، خوبصورت لمحا ساڻس گڏ جيئي ۽ سندس اولاد سندس دل نه ڏکائي. صرف هڪ ننڍڙو لمحو، هڪ پيار ڀريو جملو، يا صرف سندس پرسان ويهي ڳالهائڻ، اهي سڀ احساس ماءُ جي لاءِ دنيا جي سڀ کان وڏي خوشي هوندا آهن. ان کان وڌيڪ ماءُ کي ٻيو ڪجهه نه ٿو گهرجي، پر افسوس اسان دنيا داري ۾ مصروف، لالچ جي نشي ۾ ڌت، جائيداد جي حوس ۾ لاپرواهه ۽ وڏي حد تائين بي ادب ٿي ويل ماڻهو پنهنجي امڙ کي پيار ته ڇا ساڻس به مٺا لفظ به ناهيون ڳالهائيندا. ماءُ سان بدتيمزي ڪرڻ سان گڏ کيس ڇڙٻون به ڏيندا آهيون. اهو رويو اسان جي آخرت کي اجاڙي ويندو. پوءِ جڏهن اُها ماءُ، جنهن کي جيئري اسان هڪ پل به سک نه ڏنو، گهر ۾ هڪڙو ڪمرو نه ڏنو، ڪائڻ لاءِ سٺي ماني نه ڏني، سٺو ڪاڏو نه ڏنو ۽ آرامده بسترو نه ڏنو، پر ان جي مرڻ کان پوءِ ماءُ جي قبر کي ڪشادي ڪرائي وڏي ٽائيل ماربل لڳرائيندا آهيون ۽ وڏا وڏا ختما، خيراتون ۽ طعام نهرائي، ڏيکاءُ ڪندا آهيون. پر ڏکايل ماءُ جي بي ادب اولاد کي بعد ۾ پڇتاءَ سان گڏ، خالي ڪٽ ملندي آهي، ناڪامي ڏڪا ٿاٻا ملندا آهن ۽ پوءِ اسان بدنصيب منڻي ماءُ جا دعا ڏيندڙ هٿ به وڃائي ويهندا آهيون. ان طرح پڇتاءُ اسانجو مقدر بڻجي ويندو آهي. اسان کي گهرجي ته ماءُ جي عزت، احترام، پيار ۽ خيال ڪريون. ■

# مائرن جي ماءُ

ڊاڪٽر سڪندر اقبال



اڄ سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندڙ ”مائرن جو عالمي ڏينهن“ صرف هڪ رسمي ڏينهن ناهي، پر اهو هڪ احساس، احترام ۽ شڪرگذاريءَ جو اهڙو ڏينهن آهي، جيڪو انسان کي پنهنجي اصلي جَڙن ۽ سڃاڻپ ڏانهن واپس وٺي اچي ٿو. اهو ڏينهن اسان کي ياد ڏياري ٿو ته، ماءُ صرف هڪ رشتو يا تعلق ناهي، پر اهو رشتو هڪ مڪمل ڪائنات آهي— اهڙي ڪائنات، جيڪا محبت ڏئي ٿي، قرباني سيکاري ٿي ۽ زندگي کي معنيٰ عطا ڪري ٿي.

پر جيڪڏهن ان تصور کي وڌيڪ وسيع ڪيو وڃي ته، اسان کي احساس ٿئي ٿو ته ڪجهه مائرون صرف گهرن تائين محدود ناهن هونديون، پر قومن ۽ تهذيبن کي پنهنجي آغوش ۾ پالينديون آهن ۽ پنهنجي دامن مان اهڙا عظيم سپوت پيدا ڪنديون آهي، جيڪي پنهنجي قومي جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪندي تاريخ ۾ امر ٿي ويندا آهن. انهيءَ سوچ جي تناظر ۾ سنڌ صرف هڪ خطو يا زمين جو ٽڪرو ناهي، پر اها ”مائرن جي ماءُ“ آهي— اهڙي ماءُ، جنهن صدين کان ڪيئي نسلن کي جنم ڏنو آهي، انهن کي سنواريو ۽ سڌاريو آهي ۽ تاريخ ۾ امر ڪيو آهي.

سنڌ ڌرتي اها عظيم ماءُ آهي، جنهن جي آغوش ۾ محبت به آهي، تاريخ به آهي، علم به آهي ۽ روحانيت به آهي. هيءَ اها سرزمين آهي، جنهن هر ايندڙ شخص کي بنا ڪنهن فرق جي قبول ڪيو— نه ان جو رنگ ڏٺو، نه زبان ڏٺي، نه مذهب ڏٺو ۽ نه نسل ڏٺو. هن جي گود هميشه کليل رهي، ۽ هيءُ ئي ان جو سڀ کان وڏو حسن آهي: ”قبوليت، برداشت ۽ هم آهنگي.“

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سنڌ کي اهڙي ماءُ طور پيش ڪيو آهي،جيڪا مارئي جي وفا، سسئي جي جدوجهد ۽ مومل جي قرباني ذريعي انسان کي پنهنجي مٽيءَ سان جڙيل رهڻ جو درس ڏئي ٿي. سچل سرمست انسانيت جي وحدت جو پيغام ڏنو ۽ ٻڌايو ته، اصل حقيقت نفرت نه پر محبت آهي. لعل شهباز قلندر ”دمادم مست قلندر“ جي صدا ذريعي زندگي کي عشق، آزادي ۽ سرمستي جو درس ڏنو. شاهه عنايت شهيد سماجي انصاف جي بنياد رکي، جڏهن ته مخدوم نوح اخلاق ۽ روحانيت جي اها شمع روشن ڪئي، جيڪا اڄ به روشني پکيڙي رهي آهي. دراصل اهو سنڌ ماءُ جو آغوش آهي، جتي نه صرف اهڙي پرورش ٿئي ٿي، پر تربيت به ٿئي ٿي.

پر سنڌ ماءُ صرف روحانيت تائين محدود ناهي رهي. هن سياست، قيادت ۽ تاريخ ۾ به اهڙا فرزند پيدا ڪيا آهن، جن دنيا جو نقشو بدلائي ڇڏيو. قائداعظم محمد علي جناح انهيءَ ڌرتي مان اڀريا، جن اسان کي انگريزن کان آزاديءَ جو رستو ڏيکاريو. ذوالفقار علي ڀٽي عوامي سياست کي نئون رخ ڏنو، جڏهن ته بينظير ڀٽو عالمي سطح تي عورت قيادت جو نئون باب رقم ڪيو.

علم، ادب ۽ تحقيق جي ميدان ۾ به سنڌ ماءُ ڪيترائي چراغ روشن ڪيا. شيخ اياز ٻوليءَ کي نئين زندگي ڏني، جڏهن ته غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ نبي بخش بلوچ تاريخ، ادب ۽ ثقافت کي محفوظ ڪيو. فنون لطيفه ۾ عابد پروين ۽ علڻ فقير پنهنجي آواز سان سنڌ جي روحانيت کي دنيا ڀر ۾ پهچايو.

رانديڻ جي ميدان ۾ به هن ماءُ پنهنجي سپوتن ذريعي پاڪستان جو نالو روشن ڪيو. حنيف محمد ۽ جاويد ميانداد جهڙن رانديگرن ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ ناقابلِ فراموش باب لکيا. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا اهڙا پٽ آهن، جيڪي پنهنجيءَ ڌرتيءَ ماءُ جي خدمت ڪري رهيا آهن.

> سنڌ ڌرتي اها عظيم ماءُ آهي، جنهن جي آغوش ۾ محبت به آهي، تاريخ به آهي، علم به آهي ته روحانيت به آهي. هيءَ اها سرزمين آهي، جنهن هر ايندڙ شخص کي بنا ڪنهن فرق جي قبول ڪيو— نه ان جو رنگ ڏٺو، نه زبان ڏٺي، نه مذهب ڏٺو ۽ نه نسل ڏٺو. هن جي گود هميشه کليل رهي، ۽ اهو ئي ان جو سڀ کان وڏو حسن آهي: ”قبوليت، برداشت ۽ هم آهنگي.“ تنهن ڪري اڄ اسان کي پنهنجي اها ذميواري سمجهندي سنڌ جي پاڻي، زمين ۽ ماحول جي تحفظ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

پر هڪ ماءُ جي اصل عظمت صرف ان جي ڏنل تحفن ۾ ناهي، پر ان جي برداشت، صبر ۽ محبت ۾ آهي. سنڌ اڄ به هر مذهب، هر زبان ۽ هر ثقافت کي پنهنجي دامن ۾ سمائي ويٺي آهي. هتي اختلاف نفرت ۾ نٿا بدلجن، پر مڪالمي ۾ بدلجن ٿا، ۽ اهو ئي سنڌ جو اصل حسن آهي.

ان جي باوجود اڄ سنڌ ڪيترين ئي چئلينجز کي منهن ڏيئي رهي آهي— پاڻيءَ جي کوٽ، ماحولياتي مسئلا، شهري دٻاءُ ۽ ثقافتي ڪمزوري. اهي سڀ ان ماءُ جا زخم آهن، جن کي ڪيترن ئي موقعن تي ان جي اولاد نظرانداز ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان واقعي ان جا پٽ ۽ ڌيئر آهيون ته، اسان کي ان جي صرف تعريف نه پر خدمت به ڪرڻي پوندي.

اسان جي ذميواري آهي ته اسان پنهنجي هن عظيم ماءُ جي زبان کي زنده رکون، ان جي ثقافت ۽ تهذيب کي محفوظ رکون، ان جي ماحول کي بهتر بڻايون ۽ ان جي وسيلن جي حفاظت ڪريون. اسان کي تعليم، شعور ۽ اتحاد ذريعي سنڌ کي اهو مقام ڏيڻو پوندو، جنهن جي اها حقدار آهي. تنهن ڪري اڄ مائرن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي جڏهن اسان پنهنجي پنهنجي امڙ کي خراجِ عقيدت پيش ڪري رهيا آهيون، تڏهن اسان کي پنهنجي ”مائرن جي ماءُ“— سنڌ ڌرتي— کي به سلام پيش ڪرڻ گهرجي، ڇو ته جيڪي قومون پنهنجي ماءُ کي وساري ڇڏين ٿيون، اهي پنهنجي تاريخ به وڃائي ڇڏين ٿيون.

سنڌ ماءُ جي حفاظت ۽ خدمت لاءِ اسان کي صرف جذباتي لفظن تي اڪتفا نه ڪرڻ گهرجي، پر عملي قدم کڻڻ لازمي آهن. اسان کي پنهنجي ذميواري سمجهندي سنڌ جي پاڻي، زمين ۽ ماحول جي تحفظ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻيون پونديون. تعليم جي واڌاري ي پنهنجو بنيادي فرض سمجهي نئين نسل کي شعور سان آراسته ڪرڻو پوندو، پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب کي زنده رکڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪرڻي پوندي، ۽ سماج ۾ اتحاد، برداشت ۽ فڪري شعور کي وڌائڻو پوندو.

جيڪڏهن اسان واقعي هن عظيم ماءُ جا سچا پٽ ۽ ڌيئر آهيون ته پوءِ اسان کي پنهنجي هر عمل، هر قدم ۽ هر سوچ سان اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته اسان سنڌ کي هڪ محفوظ، خوشحال ۽ ترقي يافته ڌرتي بڻائينداسين، جتي ايندڙ نسل به فخر سان پنهنجي سڃاڻپ سان جڙي سگهندا. ■

drsikander.sacp@yahoo.com

*(هن تحرير جو ليکڪ سنڌ جي صحت کاتي ۾ پبلڪ هيلٿ اسپيشلسٽ ۽ چيف ميڊيڪل آفيسر آهي.)*

اسان جا والدين پنهنجي نياڻيءَ کي صرف اهو نه چون ته، ”احتياط ڪر.“ پر ڪيس اهو به سيکارين ته، جيڪڏهن ڪو غلط ڪري ته هوءَ ڇا ڪري؟ جيڪڏهن ڪو استاد غلط پيغام موڪلي ته هوءَ ان جو جواب ڪيئن ڏئي؟ جيڪڏهن ڪو باس غلط demandڪري ته ان کان انڪار ڪيئن ڪري؟ جيڪڏهن ڪو فائل يا مارڪ يا پروموشن جو خوف ڏياري ته شڪايت ڪٿي ڪري؟ جيڪڏهن گهر ۾ ٻڌائڻ جو وقت اچي ته والدين الزام ڏيڻ بدران مٿس اعتبار ڪيئن ڪن؟

# اسان جون نياڻيون: پاڻَ مضبوط ٿيو، مجبور نه ٿيو

سائره صلاح الدين پنهور



اسان جي سماج ۾ عورت، خاص ڪري نياڻيءَ جي زندگي هميشه ٻن دنيائن جي وچ ۾ گذري آهي: هڪ گهر جي دنيا، جتي ڪيس عزت، حياءَ، خاموشي ۽ برداشت جا سبق ڏنا وڃن ٿا، ۽ ٻي دنيا ٻاهر جي آهي، جتي ڪيس مقابلو، جرئت، عقل، خود اعتمادي ۽ پنهنجي حقن جي حفاظت ڪرڻي پوي ٿي. پر افسوس اهو آهي ته اسان گهڻو ڪري پنهنجين نياڻين کي پهرين دنيا لاءِ ته تيار ڪريون ٿا، پر ٻي دنيا لاءِ ايترو مضبوط نٿا بڻايون.

اڄ جو وقت اڳئين وقت جهڙو ناهي. تعليم جا ادارا بدلجي ويا آهن. روزگار جا ميدان بدلجي ويا آهن. سماجي لاڳاپا بدلجي ويا آهن. موبائل، سوشل ميڊيا، يونيورسٽيون، آفيسون، ڪو_ايجوڪيشن، سفر، نوڪريون، مقابلو، سڀ ڪجهه اڳ کان وڌيڪ کليل ۽ پيچيده ٿي ويو آهي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن اسان پنهنجي ڇوڪرين /عورتن کي رڳو ڊپ، پابندي، خاموشي ۽ شرم جا سبق ڏينداسين، ۽ کين خود اعتمادي، فيصلا ڪرڻ جي سگهه، ”نه“ چوڻ جي همت ۽ پنهنجي عزت جي حفاظت ڪرڻ جو شعور نه ڏينداسين، ته پوءِ ان جو مقصد ٿيندو ته اسان کين دنيا جي سختين لاءِ اڌورو تيار ڪري رهيا آهيون.

اها حقيقت آهي ته تعليمي ادارن، يونيورسٽين، ڪاليجن، آفيسن ۽ ڪم ڪندڙ جڳهن تي ڪيترين ڇوڪرين/عورتن کي مختلف قسمن جي دٻاءَ، هراسمينٽ، بليڪ ميلنگ ۽ ذهني اذيتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪٿي استاد مارڪن جو دٻاءُ وجهي ٿو، ڪٿي آفيسر فائل روڪي ٿو، ڪٿي باس پروموشن جو خوف ڏياري ٿو، ڪٿي ڪلارڪ يا ڪو بااختيار ماڻهو دستاويزن، داخلا ۽ سفارش يا نوڪريءَ کي هٿيار بڻائي عورت کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو سڀ غلط آهي، ظلم آهي، ۽ ان جي ذميواري بنيادي طور تي ان ماڻهوءَ تي آهي، جيڪو پنهنجي طاقت، عهدي يا مرداڻي حيثيت جو غلط استعمال ڪري ٿو.

پر هن بحث جو هڪ ٻيو رخ به آهي، جنهن تي اسان گهٽ ڳالهايون ٿا. اهو رخ اهو آهي ته ڇوڪري/ عورت پاڻ پنهنجي زندگيءَ، پنهنجي عزت، پنهنجي حدن ۽ پنهنجي حفاظت جي حوالي سان ڪيتري ذميوار آهي؟ ڇا هر ڳالهه جو الزام رڳو سماج، والدين، مردن يا ادارن تي وجهي ڇوڪري/ عورت پاڻ کي مڪمل طور تي ذميواريءَ کان آجو سمجهي سگهي ٿي؟ نه، ائين به صحيح ناهي. ڇوڪري/ عورت ڪمزور پيدا نٿي ٿئي، پر جيڪڏهن هوءَ پنهنجي شعور، پنهنجي حدن، پنهنجي وقار ۽ پنهنجي فيصلي جي طاقت کي استعمال نٿي ڪري، ته پوءِ هوءَ پاڻ به پنهنجي ڪمزوريءَ ۾ حصيدار بڻجي وڃي ٿي. اسان کي اها ڳالهه تمام احتياط سان سمجهڻي پوندي ته ”ڇوڪري/عورت کي ذميوار“ چوڻ جو مطلب هرگز اهو ناهي ته هراسمينٽ جو الزام ان تي وڌو وڃي. غلط هميشه غلط ڪندڙ ئي هوندو آهي، پر ساڳئي وقت هڪ باشعور ڇوڪري/عورت کي به اهو سمجهڻ گهرجي ته ٻاهر جي دنيا ۾ هلڻ لاءِ صرف ڊگري ڪافي ناهي: ڪردار، وقار، احتياط، حدون، خود اعتمادي ۽ ذهني پختگي به ضروري آهي.

اسان مسلمان سماج جو حصو آهيون. اسان جي ثقافت، مذهب ۽ خانداني قدر ڇوڪري/عورت کي عزت، حياءُ، سادگي ۽ وقار سيکارين ٿا. اهي قدر قيد نه آهن، اهي حفاظت جا اصول آهن. ڇوڪري/عورت جڏهن گهر کان ٻاهر نڪري ٿي، يونيورسٽي، ڪاليج، آفيس يا ڪنهن به ڪم واري جاءِ تي وڃي ٿي، تڏهن هن کي پنهنجي لباس، پنهنجي ڳالهائڻ، پنهنجي رويي، پنهنجي دوستين، پنهنجي موبائل فون جي استعمال، سوشل ميڊيا جي استعمال ۽ پنهنجين حدن جو خيال رکڻ گهرجي. آزاديءَ جو مطلب بي احتياطي ناهي، ۽ اعتماد جو مطلب بيحد کليل هئڻ ناهي.

> نياڻيءَ لاءِ سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته هوءَ پنهنجي اندر جو خوف ختم ڪري. هوءَ اهو سمجهي ته، ”نه“ چوڻ بدتميزي ناهي، پنهنجي حد قائم ڪرڻ غرور ناهي، شڪايت ڪرڻ شرم ناهي، ۽ غلط کي غلط چوڻ بي حيائي ناهي. بي حيائي ظلم ڪرڻ ۾ آهي، ظلم سهڻ ۾ نه؛ پر ظلم کي خاموشيءَ سان قبول ڪرڻ به عقلمندي نه آهي. والدين لاءِ به وقت جو پيغام واضح آهي: نياڻين کي رڳو پردي، پابندي ۽ احتياط جا سبق نه ڏيو؛ کين اعتماد، قانوني شعور، ذهني قوت، فيصلي جي سگهه ۽ گفتگوءَ جو هنر به سيکاريو. کين ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪڏهن ڪو مسئلو ٿئي ته گهر سندن لاءِ عدالت نه، پناهه گاهه هوندو.

ڪجهه ڇوڪريون ۽ عورتون اها غلطي ڪن ٿيون ته هو ٻاهر نڪرندي پاڻ کي مضبوط ڪرڻ بدران ڪنهن ”طاقتور ڇوڪر يا مرد ساٿيءَ“ سان لاڳاپو رکڻ کي حفاظت سمجهن ٿيون. ڪو ڪلاس جو بااثر ڇوڪرو، ڪو آفيس جو طاقتور مرد، ڪو استاد، ڪو باس، ڪو سينئر، انهن جي نظر ۾ تحفظ جو ذريعو بڻجي وڃي ٿو. ڇوڪري يا عورت سمجهي ٿي ته جيڪڏهن اهو منهنجي پاسي آهي ته، ڪو مون کي تنگ نه ڪندو، منهنجي عزت وڌندي، منهنجي حفاظت ٿيندي، پر حقيقت ۾ اها سوچ ئي عورت کي وڌيڪ ڪمزور ڪري ٿي، ڇو ته جنهن تحفظ جو بنياد ٻئي ماڻهوءَ تي رکيو وڃي، اهو تحفظ نه، هڪ نئين وابستگي ۽ نئين خطري جو دروازو بڻجي سگهي ٿو.

ڇوڪرين ۽ عورتن کي سمجهڻ گهرجي ته حقيقي عزت ڪنهن مرد جي ساٿ، ڪنهن بااثر جي دوستي، ڪنهن استاد جي قربت يا ڪنهن باس جي مهربانيءَ سان نٿي ملي. حقيقي عزت پنهنجي ڪردار، پنهنجي علم، پنهنجي وقار، پنهنجي محنت ۽ پنهنجي حدن ۾ رهڻ سان ملي ٿي. جيڪڏهن هڪ ڇوڪري يا عورت پاڻ پنهنجي گفتگو، پنهنجي حرڪت، پنهنجي لباس، پنهنجي دوستي ۽ پنهنجي رويي ۾ وقار رکندي، ته هوءَ پاڻ ئي هڪ مضبوط پيغام ڏيندي ته ”مان هتي عزت سان آئي آهيان، عزت سان پڙهنديس، عزت سان ڪم ڪنديس، ۽ ڪنهن کي به پنهنجي حد پار ڪرڻ نه ڏينديس.“



اَي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

پر اسان جي والدين کي به ان حقيقت کان مُنهن نه موڙڻ گهرجي ته نياڻيءَ کي صرف ”احتياط ڪر“ چوڻ ڪافي ناهي. ڪيس اهو به سيکارڻو پوندو ته، جيڪڏهن ڪو غلط ڪري ته هوءَ ڇا ڪري؟ جيڪڏهن ڪو استاد غلط پيغام موڪلي ته هوءَ ان جو جواب ڪيئن ڏئي؟ جيڪڏهن ڪو باس غلط demandڪري ته ان کان انڪار ڪيئن ڪري؟ جيڪڏهن ڪو فائل يا مارڪ يا پروموشن جو خوف ڏياري ته شڪايت ڪٿي ڪري؟ جيڪڏهن گهر ۾ ٻڌائڻ جو وقت اچي ته والدين الزام ڏيڻ بدران مٿس اعتبار ڪيئن ڪن؟

ڪيترين نياڻين جي ڪمزوري جو سبب سندن غلط تربيت آهي. اسان ڇوڪرن کي چوندا آهيون: ”مضبوط ٿي، مقابلو ڪر. ٻاهر

جي دنيا کي منهن ڏي." پر ڇوڪريءَ کي چوندا آهيون: "خاموش رهه، ڳالهه نه وڌاءِ، عزت جو خيال ڪر، ڪنهن کي نه ٻڌاءِ، گهر ۾ بدنامي ٿيندي." نتيجو اهو نڪري ٿو ته جڏهن ڇوڪري يا عورت ڪنهن ظلم، دٻاءَ يا بليڪ ميلنگ کي منهن ڏئي ٿي ته هوءَ ظلم ڪندڙ کان گهٽ، پنهنجي گهروارن کان وڌيڪ ڊڄي ٿي. اها ئي وڏي بدقسمتي آهي.

دنيا جي ڪا به مارڪ، ڪو به پروموشن، ڪا به نوڪري، ڪو به فائل، ڪا به سفارش، نياڻيءَ يا عورت جي عزت کان وڏي ناهي. جيڪڏهن ڪو چوي ته "منهنجي ڳالهه نه مڃيندينءَ ته فيل ڪري ڇڏيندس،" ته ڇوڪريءَ يا عورت ۾ ايتري همت هئڻ گهرجي جو چوي: "فيل ڪرڻو آهي ته ڪريو، پر مان غلط ڳالهه قبول نه ڪنديس." جيڪڏهن ڪو باس چوي ته "پروموشن روڪي ڇڏيندس،" ته عورت ۾ ايتري طاقت هئڻ گهرجي جو چوي: "پروموشن کان وڏي منهنجي عزت آهي." جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي عهدي جو دٻاءُ وجهي، ته نياڻي يا عورت کي پنهنجي اندر مان آواز اچڻ گهرجي: "غلط، غلط آهي؛ مان خاموش نه رهنديس."

ساڳئي وقت ڇوڪري يا عورت کي پاڻ کان به ڪجهه سوال ڪرڻ گهرجن: ڇا منهنجي دوستيءَ جون حدون واضح آهن؟ ڇا منهنجي ڳالهائڻ ۾ غيرضروري نرمي يا دعوت جو تاثر ته ناهي؟ ڇا منهنجي سوشل ميڊيا تي اهڙي سرگرمي ته ناهي جيڪا ڪنهن کي غلط فهمي ڏئي؟ ڇا مان هر ڪنهن سان ذاتي ڳالهه شيئر ڪريان ٿي؟ ڇا مان پنهنجي ڪمزوري، اڪيلائي يا جذباتي ضرورت سبب ڪنهن غلط ماڻهوءَ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ جاءِ ته نٿي ڏيان؟ ڇا مان پنهنجي عزت جي حفاظت پاڻ ڪري رهي آهيان يا انتظار ڪري رهي آهيان ته ڪو ٻيو اچي مون کي بچائي؟

اهي سوال ڇوڪري يا عورت کي الزام ڏيڻ لاءِ نه، پر باشعور بڻائڻ لاءِ آهن. ڇو ته عزت صرف ٻين کان گهرڻ واري شيءِ ناهي، عزت پهريان پنهنجي وجود ۾ پيدا ڪرڻي پوندي آهي. جيڪا ڇوڪري پاڻ پنهنجي وقار کي سنجيدگيءَ سان وٺندي آهي، دنيا به آهستي آهستي ان کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ سکندي آهي.

اسان کي پنهنجي نياڻين ۽ عورتن کي اهو نه سيکارڻ گهرجي ته هر مرد خطرو آهي، پر اهو ضرور سيکارڻ گهرجي ته هر تعلق جي حد هئڻ گهرجي. هر استاد قابل احترام آهي، پر استاد کي به حد پار ڪرڻ جو حق ناهي. هر باس جو عهدي تي حق آهي، پر عورت جي عزت تي نه. هر ڪلاس فيلو ساٿي ٿي سگهي ٿو، پر محافظ ٿيڻ جي ضرورت ناهي. هر مددگار انسان قابل قدر آهي، پر ڪنهن به مدد جي قيمت نياڻيءَ جي خودداري نه هئڻ گهرجي.

نياڻيءَ لاءِ سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته هوءَ پنهنجي اندر جو خوف ختم ڪري. هوءَ اهو سمجهي ته، "نه" چوڻ بدتميزي ناهي، پنهنجي حد قائم ڪرڻ غرور ناهي، شڪايت ڪرڻ شرم ناهي، ۽ غلط کي غلط چوڻ بي حيائي ناهي. بي حيائي ظلم ڪرڻ ۾ آهي، ظلم سهڻ ۾ نه؛ پر ظلم کي خاموشيءَ سان قبول ڪرڻ به عقلمندي نه آهي.

والدين لاءِ به وقت جو پيغام واضح آهي: نياڻين کي رڳو پردي، پابندي ۽ احتياط جا سبق نه ڏيو؛ کين اعتماد، قانوني شعور، ذهني قوت، فيصلي جي سگهه ۽ گفتگوءَ جو هنر به سيکاريو. کين ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪڏهن ڪو مسئلو ٿئي ته گهر سندن لاءِ عدالت نه، پناهه گاهه هوندو. سندن ڳالهه ٻڌي ويندي، سندن مدد ڪئي ويندي، سندن ڪردار تي شڪ نه ڪيو ويندو. جنهن گهر ۾ نياڻي پاڻ کي محفوظ سمجهي ٿي، اها ٻاهر جي دنيا ۾ به وڌيڪ مضبوط ٿي بيهندي آهي.

۽ ڇوڪرين ۽ عورتن لاءِ آخري ڳالهه هيءَ آهي: اوهان جي خوبصورتي اوهان جي چهري ۾ نه، اوهان جي شعور ۾ آهي. اوهان جي طاقت ڪنهن مرد جي ساٿ ۾ نه، اوهان جي اندر جي يقين ۾ آهي. اوهان جي عزت ڪنهن ڊگري، نوڪري يا پروموشن کان وڏي آهي. اوهان کي پڙهڻو آهي، ڪم ڪرڻو آهي، اڳتي وڌڻو آهي، پر پنهنجي وقار سان. اوهان کي جديد دنيا ۾ هلڻو آهي، پر پنهنجي سڃاڻپ وڃائي نه. اوهان کي آزاد ٿيڻو آهي، پر بيحد نه. اوهان کي مضبوط ٿيڻو آهي، پر بي ادب نه. اوهان کي نرم دل رهڻو آهي، پر ڪمزور نه.

نياڻي يا عورت جي اصل ڪاميابي اها ناهي ته هوءَ صرف يونيورسٽي پهچي وڃي، نوڪري حاصل ڪري وٺي يا وڏي عهدي تي ويهي. اصل ڪاميابي اها آهي ته هوءَ هر هنڌ پنهنجي عزت، پنهنجي حد، پنهنجي ضمير ۽ پنهنجي خود اعتمادي سان بيهي سگهي. جنهن ڏينهن اسان جون نياڻيون ۽ عورتون اهو سکنديون ته "مان پاڻ پنهنجي عزت جي محافظ آهيان، مان غلط کي قبول نه ڪنديس، مان ڪنهن جي دٻاءَ ۾ نه اينديس، مان ڪنهن مرد جي چانوَ ڪانسواءِ به مڪمل انسان آهيان،" ان ڏينهن سماج جي سوچ به بدلجڻ شروع ٿيندي.

نياڻيءَ کي خوف نه، فهم ڏيو.

نياڻيءَ کي رڳو آزادي نه، ذميواري به سيکاريو.

نياڻيءَ کي رڳو پڙهايو نه، کيس پنهنجي وقار سان جيئڻ جو هنر به سيکاريو.

ڇو ته جيڪا نياڻي پاڻ کي سڃاڻي ٿي، اها نه بليڪ ميل ٿئي ٿي، نه ڊڄي ٿي، نه وڪامي ٿي، نه ٽُٽي ٿي. اها وقت جي هر امتحان ۾ پنهنجي نالي، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي عزت سان بيهي رهي ٿي. ■

# سائين عالم شاهه جهڙا اڳواڻ ٻيهر پيدا نه ٿيندا

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر



سنڌ جي ڌرتيءَ تي اهڙا انسان به جنم وٺن ٿا، جيڪي پنهنجي عمل ۽ فڪر سبب هڪ تحريڪ، هڪ فڪر ۽ هڪ دور جي علامت بڻجي وڃن ٿا. سنڌ جڏهن به پنهنجي جدوجهد جي تاريخ ڏانهن مُڙي ڏسي ٿي، تڏهن ڪيس ڪجهه چهرا لفظن کان اڳتي نڪري احساس بڻيل نظر اچن ٿا. انهن مان ڪجهه نالا وقت جي ديوارن تي نه پر ماڻهن جي دلين تي لکجي وڃن ٿا. سائين عالم شاهه به اهڙن ئي ڪردارن مان هڪ هو، جنهن جي زندگي ڪنهن هڪ دور، ڪنهن هڪ تنظيم يا ڪنهن هڪ سياسي عنوان تائين محدود نه هئي، پر اها هڪ مسلسل جدوجهد، هڪ خاموش قرباني ۽ هڪ ضمير جو نالو هئي. هو انهن ماڻهن مان هو، جيڪي سياست کي ڪرسي يا اقتدار جو وسيلو نه، پر عوامي درد سان جوڙڻ جو رستو سمجهندا آهن، ۽ شايد اهو ئي سبب هو جو هن جي سڃاڻپ ڪنهن رسمي عهدي سان نه، پر ماڻهن جي اعتماد ۽ محبت سان جڙيل هئي.



جيجي زرينہ بلوچ، رسول بخش پليجو ۽ سيد عالم شاهه

سائين عالم شاهه هاڻي جسماني طور ته اسان کان وڇڙي ويو آهي، پر سندس جدوجهد، سندس آواز ۽ سندس اصول اڄ به سنڌ جي فضا ۾ گونجي رهيا آهن. پٺائي سائينءَ جي هيءَ سٽ: "جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي" ڄڻ سندس سڄي زندگيءَ جو احوال آهي، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي آخري ساهه تائين جدوجهد کي ئي پنهنجي سڃاڻپ بڻائي رکيو.

سائين عالم شاهه عوامي تحريڪ ۽ عوامي نيشنل پارٽي سان لاڳاپيل رهيو، پر سندس اصل سڃاڻپ ڪنهن پارٽيءَ سان وابستگي واري نه پر سندس جدوجهدي ڪردار واري هئي. هو رسول بخش پليجي ۽ فاضل راهوءَ جهڙن عظيم اڳواڻن جو ساٿي رهيو، جنهن جي فڪر سنڌ ۾ شعور، حق ۽ قومي سڃاڻپ کي نئين رخ ڏنو. عالم شاهه انهيءَ فڪر کي نه صرف قبول ڪيو، پر پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ ان تي عمل ڪري به ڏيکاريو. هن نه صرف سياسي جدوجهد ۾ حصو ورتو، پر نظرياتي طور تي به هڪ اهڙي راهه هموار ڪئي جنهن ۾ عوامي حقن، سماجي انصاف ۽ برابري کي بنيادي حيثيت حاصل هئي.

سائين عالم شاهه هاڻي جسماني طور ته اسان کان وڇڙي ويو آهي، پر سندس جدوجهد، سندس آواز ۽ سندس اصول اڄ به سنڌ جي فضا ۾ گونجي رهيا آهن. پٺائي سائينءَ جي هيءَ سٽ: "جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي" ڄڻ سندس سڄي زندگيءَ جو احوال آهي، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي آخري ساهه تائين جدوجهد کي ئي پنهنجي سڃاڻپ بڻائي رکيو.

سائين عالم شاهه هر حال ۾ پنهنجي نظريي سان سچو رهيو ۽ ڪنهن به دٻاءَ، لالچ يا خوف کي پنهنجي فڪر تي غالب اچڻ نه ڏنو. سندس جدوجهد سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ روشن باب جي حيثيت رکي ٿي، جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ به رهنمائي جو سرچشمو بڻيل رهندو. سندس وڇوڙو هڪ خلا ضرور پيدا ڪري ويو آهي، پر سندس فڪر ۽ جدوجهد اڄ به جيئري آهي، جيڪا سياڻي به سنڌ جي سياسي شعور ۾ ڌڙڪندي رهندي.

سنڌ جي سياسي تاريخ شاهد آهي ته اهڙا هزارين ڪارڪن ملن ٿا، جيڪي بنا ڪنهن مالي سهائتا ۽ ذاتي فائدي جي صرف ان اميد تي جدوجهد ڪندا رهيا آهن ته سندن ڌرتيءَ جا ماڻهو هڪ ڏينهن انصاف ڏسندا. ان طرح پاڪستان ۾ سياسي تحريڪن سان لاڳاپيل ڪارڪنن جي وڏي اڪثريت بنا ڪنهن مالي يا اداري جي سهڪار جي، صرف نظرياتي بنياد تي ڪم ڪندي رهي آهي، جيڪو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ هڪ منفرد مثال آهي.

سائين عالم شاهه به انهيءَ قافلي جو هڪ اهم حصو هو. هو جتي به ويو، اتي ماڻهن لاءِ اميد جو نالو بڻجي ويو. ڳوٺن ۾ جڏهن ڪو ظلم ٿيندو هو، زمينن تي جڏهن ڪو قبضو ٿيندو هو، يا جڏهن ڪنهن غريب جي آواز کي دٻايو ويندو هو، تڏهن هن جي موجودگي ماڻهن لاءِ حوصلو بڻجي پوندي هئي. هو ڳالهين کان وڌيڪ عمل تي يقين رکندو هو، ۽ شايد اهو ئي

سبب هو جو ماڻهو کيس ٻڌڻ کان اڳ محسوس ڪندا هئا.

سندس شخصيت ۾ هڪ عجيب سادگي هئي، جيڪا کيس عام سياستدانن کان مختلف بڻائيندي هئي. هو پنهنجو سمورو وقت ماڻهن سان ڳالهائڻ، نوجوانن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ سماجي ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ ۾ گذاريندو هو. سندس زندگي جو وڏو حصو سفرن، گڏجاڻين، احتجاجن ۽ فڪري بحثن ۾ گذريو، جتي هو صرف ڳالهائيندو نه هو، پر ماڻهن جي دلين ۾ سوال به پيدا ڪندو هو.



ساڄي پاسي کان ـ سيد عالم شاهه، شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو ۽ اياز لطيف پليجو
(تصوير اي آءِ جي مدد سان بهتر ڪيل)

سائين عالم شاهه جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو حوالو سندس سادگي، بهادري ۽ مستقل مزاجي هئي. دنيا جي سياست جتي آهستي آهستي ذاتي مفادن، سرمائي ۽ طاقت جي هٿن ۾ محدود ٿيندي پئي وڃي، اتي اهڙا ماڻهو هڪ ناياب مثال بڻجي وڃن ٿا، جيڪي پنهنجي ذات کان مٿانهان ٿي جدوجهد ڪن ٿا. سائين عالم شاهه اهو ثابت ڪري ويو ته سياست صرف حڪومت ڪرڻ جو نالو نه، پر خدمت ڪرڻ، اصولن تي بيهڻ ۽ سچ لاءِ بي خوف ٿيڻ جو نالو آهي. هو نه وڏن عهدن جو طلبگار رهيو، نه ئي ذاتي شهرت جو خواهشمند، پر هن پنهنجي زندگيءَ جا سمورا سال عوامي سجاڳي، سماجي شعور پيدا ڪرڻ، نوجوانن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ سنڌ جي وسيلن جي تحفظ لاءِ وقف ڪري ڇڏيا.

"وڃي پون پيني، سکندي کي سڄڻين." (ڀٽائي)

هن جو وڇوڙو صرف هڪ فرد جو نه، پر هڪ سوچ جو نقصان آهي.

اڄ جڏهن سنڌ ڪيترن ئي سماجي، معاشي ۽ سياسي بحرانن مان گذري رهي آهي، تڏهن سائين عالم شاهه جهڙن ماڻهن جو وڇوڙو گهرو صدمو پهچائيندڙ آهي. تنهن هوندي به سندس ڇڏيل ورثو، شعور، جدوجهد ۽ همت اسان لاءِ هڪ راهه آهي.

اڄ سائين عالم شاهه جسماني طور اسان وچان وڇڙي ويو آهي، پر سندس يادون، جدوجهد ۽ فڪر سنڌ جي سياسي ۽ سماجي شعور ۾ زنده آهي. هو انهن ماڻهن مان هو جيڪي وقت سان گڏ ناهن مرندا، پر وقت جي سڃاڻپ بڻجي ويندا آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا نالا هميشہ احترام سان ورتا ويندا، ڇو ته اهي ماڻهو نه، پر هڪ فڪر جا امين هوندا آهن، ۽ فڪر ڪڏهن به مرندو ناهي. ■

mikumbhar2000@yahoo.com

# مليريا: مڇر نرڄو ٿي ويو: دوائون بي اثر: ڪامياب علاج طور ويڪسين ٺاهي ويئي

مرلي ڌر



موسمياتي تبديلي جهڙوڪ 2022 جي ٻوڏ پاڪستان ۾ مليريا جي مريضن ۾ وڏي پيماني تي واڌارو ڪيو. 2023 ۾ اهڙا 27 لک ڪيس ظاهر ٿيا. ساليانو 18 لکن کان 20 لکن تائين مليريا جي مريضن جي تشخيص ٿئي ٿي. پاڪستان ۾ پلازموڊيم وائيوڪس گهڻو ڏٺو ويو آهي. هڪ اندازي مطابق هر سال 500 کان 1000 ماڻهو موت جو شڪار ٿيو وڃن. سنڌ ۾ هر سال مليريا جي مريضن جو انگ 12 کان 13 لک آهي، جيڪو پاڪستان جي مريضن جو تقريباً اڌ آهي. سنڌ ۾ ان سبب ٿيندڙ موت جو انگ صحيح طرح معلوم ناهي.

ٻوڏ کان پوءِ مليريا جي مريضن جو تعداد تمام گهڻو وڌيو هو. مون ايس آءِ يو ٽي طرفان سکر، گولوڏڙو، مڪلي ۽ اٿل (بلوچستان) ۾ ڪيمپ هنئي هئي، جتي مون مليريا جا ڪيترا ئي مريض تشخيص ڪيا، جن ۾ ٻار، جوان ۽ بزرگ سڀ شامل هئا. هڪ کان وڌيڪ دفعا به مون ماڻهن کي مليريا کان متاثر ٿيندي ڏٺو. مليريا ڦهلائيندڙ مڇر جو، مسڪن گندگي آهي. سنڌ، مليريا ڪنٽرول پروگرام به موجود آهي ته مڇر ۽ مليريا به موجود آهن.

مڇرن جو خاندان الوسيدي آهي. اهي ڊائنوسار جي زماني کان آهن. لڳ ڀڳ اهي 20 ڪروڙ سال اڳ کان موجود آهن. پهريان اهي گلن جي رس تي پلبا هئا. رت پيئڻ بعد ۾ شروع ڪيائون. مادي مڇر، بيٺل پاڻي تي انڊا ڏيندي آهي. اهي ٽن مرحلن ۾ جوان ٿيندا آهن: لاروا، پوپا، بالغ مڇر. بالغ مڇر پاڻيءَ مان نڪري اڏامڻ شروع ڪندا آهن. صرف ماده چڪ پائيندي آهي. ان کي آنا ڏيڻ لاءِ کاڌو يعني رت کپي. ماءُ ٻارن لاءِ ڪجھ به ڪري سگهي ٿي. هيءَ ماءُ به ائين ڪندي آهي. جان جي جوکي وارو ڪم به ڪندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن مڇر مار مهم جي ور به چڙهي ويندي آهي.

تنهن ڪري گندگي ۽ گندي پاڻي جا ذخيرا مڇرن جا گهر آهن. اهي ذخيرا صاف ڪبا ته مڇر صاف ٿيندا. عالمي طور تي 2024 ۾ مليريا جا 2 ڪروڙ 82 لک ڪيس ظاهر ٿيا، جن مان 6 لک 10 هزار ماڻهو مري ويا. 90 سيڪڙو کان وڌيڪ اهڙا ڪيس آفريڪا ۽ ايشيا ۾ ڏٺا ويا.

مليريا کان غريب ماڻهو وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو. موت جو اهو انگ ڏڪوئيندڙ آهي. دنيا جي صحت واري اداري ڊبليو ايڇ او (WHO) جو چوڻ آهي ته، عالمي طور تي ان مد ۾ امداد جي کوٽ ٿي آهي. پنج ڏهائي چار (5.4) ارب ڊالرن جي کوٽ آهي، تنهن ڪري ان بيماريءَ تي نظر رکڻ ۽ مڇرن کان بچڻ جهڙوڪ ڄاريون ۽ مڇر مار دوائن جي دستيابي جهڙا مسئلا درپيش آهن. ان سان گڏ مڇرن ۾ دوائن ڏانهن جيڪو نرڄو پن اچي ويو آهي، ان کي پڻ روڪڻ جي ضرورت آهي. انهن تي جيترو خرچ ٿيڻ گهرجي، اهو نٿو ٿئي. پئسا ڪونهن.

منهنجي خيال ۾ دنيا صحت تي خرچ گهٽائي ڇڏيا آهن، ۽ هٿيارن تي وڌيڪ خرچ ڪري ٿي. جنگين ۾ هڪ ٻئي جي تيل، گيس، گهرن، اسڪولن، دڪانن تي حملا ڪري دنيا کي معاشي بدحالي ڏانهن ڌڪيو ٿو وڃي. مس مس دنيا ساهه ٿي پٽي ته وري ڪو نه ڪو اچي ٿو دنيا جي پينگ ڪري، پر چڱا ڪم ڪرڻ وارا ادارا ۽ انسان به هن دنيا ۾ موجود آهن.

هلندڙ سال (2026) جي گذريل، اپريل مهيني ۾ هڪ اهم ڪم اهو ٿيو ته مليريا کان بچاءَ جون به انتهائي ڪارائتيون ويڪسين ٺاهي تيار

> گندگي ۽ گندي پاڻي جا ذخيرا مڇرن جا گهر آهن. اهي ذخيرا صاف ڪبا ته مڇر صاف ٿيندا. عالمي طور تي 2024 ۾ مليريا جا 2 ڪروڙ 82 لک ڪيس ظاهر ٿيا، جن مان 6 لک 10 هزار ماڻهو مري ويا. 90 سيڪڙو کان وڌيڪ اهڙا ڪيس آفريڪا ۽ ايشيا ۾ ڏٺا ويا.

ڪيون ويون: هڪ آر ٽي ايس، ايس ۽ ٻي آر 21. انهن ويڪسين جي افاديت 70 سيڪڙو آهي. هڪ ٻي جيڪا شاندار تحقيق وجود ۾ آئي آهي، اها ننڍن ڄاول ٻارن ۽ پنج ڪلو کان گهٽ وزن وارن ٻارن لاءِ دنيا جي صحت واري اداري مليريا جي علاج جي دوا جي (pre-qualification) يعني اڳواٽ معيار مطابق منظور ڪري اجازت ڏني.

پاڪستان ۽ آفريڪا ۾ موسمياتي تبديلي جي ڪري ايندڙ ٻوڏن مليريا جي مريضن ۾ وڏو اضافو ڪيو. نيو مائڪروبس ۽ نيو انفيڪشن جرنل جي آڪٽوبر 2025 واري شماري ۾ لکيل آهي ته، پنجن سالن کان ننڍي عمر جا ٻار مليريا سبب وڌيڪ مصيبت ۾ آهن. انهن ۾ موت جو خطرو به وڌيڪ آهي. گهٽ آمدني وارا ملڪ وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. پئسي واري دنيا انفيڪشن مان پنهنجي جند ڇڏائي چڪي آهي. هاڻي هو وچڙيل ڪينسر، روبوٽ، بغير چيري جي آپريشن، مصنوعي ذهانت ذريعي طبي تشخيص ۽ علاج ۾ ان جي استعمال تي ڪم ڪن ٿا.

پئسي واري دنيا بيمارين کان بچڻ جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ اسين بيمار ٿيڻ جو انتظار ٿا ڪريون. ڪڏهن علاج ڪرائي ئي نه ٿا سگهون، ته ڪڏهن مرض جي خبر هوندي به علاج نٿا ڪرايون. ٽوٽڪن تي وڌيڪ يقين ٿا رکون.

بهرحال دوائن ڏانهن نرڄو پن مليريا جي علاج جو وڏو مسئلو ٿي ويو آهي. پراڻيون دوائون هاڻي ڪم ڪونه ٿيون ڪن. اسان جا طبيب هر بخار ۾ مليريا جو علاج ۽ اينٽي بائٽڪ ضرور ڏيندا آهن. ڪجھ عوام دشمن طبيب اسٽيروائڊ چانور جي داڻي جهڙي گوري به ڏئي ڇڏيندا آهن. اسان به، جيستائين ڪَن مان دونهان نه نڪرن، تيستائين ڊاڪٽر مان خوش نه ٿيندا آهيون. پاڻ فرمائش ڪري ڊاڪٽر کان ٽيلهي هڻائيندا آهيون. سُئي جيستائين جسم ۾ نه چڀي، فائدو محسوس نه ڪندا آهيون. اها سئي ڪڏهن ڪڏهن جسم ۾ ڪو خطرناڪ جيوڙو، ايڇ آءِ وي/ ايڊز هيپٽائٽس جهڙيون خطرناڪ بيماريون به پهچائي ڇڏي ٿي.

مليريا جون غير ضروري دوائون ۽ اينٽي بائٽڪ جي غير ضروري استعمال جيوڙن کي نرڄو بڻائي ڇڏيو آهي. هاڻي ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته مليريا جون نيون دوائون ايجاد ڪجن ۽ بچاءَ جي ويڪسين ٺاهي مليريا کان بچجي.

مليريا هڪ پيراسائيٽ مان ٿيندي آهي، جنهن جو نالو پلازموڊيم آهي. ان جا 200 قسم آهن. جن مان پنج انسانن ۾ مليريا جي بيماري ڪندا آهن. ان ۾ پلازموڊيم فيلسيپيرم خطرناڪ آهي، جنهن سان موت به واقع ٿي سگهي ٿو. اهو پيراسائيٽ مڇر جي چڪ سان انسان ۾ پهچندو آهي. مليريا جي تشخيص خون ۾ مليريا جي چڪاس سان ٿيندي آهي. پلازموڊيم وائيوڪس ان جو ٻيو قسم آهي، جيڪو گهڻو ڏٺو ويندو آهي. جيئن ته مليريا جا قسم گهڻا آهن ۽ اهي رنگ به بدلائين ٿا. هڪ ويڪسين جيڪا نوجوانن، ٻارن ۽ بزرگن ۾ ڪم اچي، سا ٺاهڻ ٿورو ڏکيو ڪم آهي، تنهن هوندي به وڏي ڪوشش سان به ويڪسين تيار ڪيون ويون آهن.

مٿي ڄاڻايل جرنل مطابق، دنيا جي صحت واري عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) پنجن سالن کان ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ انهن ملڪن ۾، جتي مليريا وچڙندڙ وبا طور موجود آهي، آر ٽي ايس.ايس/اي ايس زيرو ون ۽ آر 21 / ميٽرڪس_ ايم ويڪسين جي استعمال جي اجازت ڏني آهي، پر انهن ۾ ڪجھ اوڻايون به آهن. هڪ ته اها هڪ خاص عمر وارن لاءِ آهي ۽ ٻيو ته اها ويڪسين فقط پلازموڊيم جي رڳو هڪ قسم خلاف ڪم ڪندي. پلازموڊيم فيلسيپيرم انسان جي مدافعتي سرشتي کي به چڪمو ڏيڻ ۾ ماهر آهي ۽ اهو ڪنهن نه ڪنهن طرح رت ۽ جگر ۾ پهچي وڃي ٿو.

ڪووڊ 19 ۾ مليريا واري صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وئي هئي. مليريا کان بچاءَ ۾ ئي بچاءُ آهي.

مڇر جي چڪ کان بچجي. ان لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوندي. صفائي ڪبي ته مڇر نه ٿيندا. ٻيو ته مڇرن کي مارڻ سان بچاءُ ٿيندو. ڄاريون، اسپري ۽ مڇر کي ڀڄائيندڙ محلول ڪم ايندا. مليريا ٿيڻ کان پوءِ دوائون کپن. اڄڪلهه جيڪي دوائون آهن، مليريا جو پيراسائيٽ انهن کي ڪونه ٿو ڳاهه وجهي. ان لاءِ نيون دوائون کپن. جڏهن دوا اثر نه ٿي ڪري ته پوءِ پيچيدگيون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي موت جو سبب بڻجن ٿيون. علاج ۾ هڪ کان وڌيڪ دوائن جو استعمال لازمي آهي. آرٽيميسنين تي مشتمل مرغوب، جنهن ۾ آرٽيسونيٽ، سلفاڊاڪسين ۽ پائريميٿامين آهن، استعمال ٿئي ٿو، پر اها دوا به وبائي علائقن ۾ ڪامياب ڪونه ٿي وڃي.



اَي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

مليريا جو جيوڙو نرڄو ٿي ويو آهي. اڄڪلهه فائٽومائيڪيولس ۽ ڪوئنين مان نڪتل تت ۽ پراڻي مان نئون تيار ڪرڻ واري سائنس تي تحقيق هلي پئي. اڄڪلهه اسپري به ڪم ڪونه ٿا ڪن. مون ڪجھ ڏينهن اڳ پنهنجي گهر ۾ هڪ مڪ ۽ هڪ مڇر کي مارڻ لاءِ مڇر مار اسپري ڪيو. مڪ صرف موڳي ٿي پئي، پر مُئي ڪونه. مڇر ته اکين اڳيان نچي چيڙائڻ لڳو ته، جيڪو وٽيئي ڪر، مان هتي ئي آهيان، تنهنجو رت چوسي پوءِ ئي جان ڇڏيندس." ان تي به تحقيق جاري آهي ته، اهڙا مڇر مار اسپري ٺاهجن، جيڪي انسان کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ مڇرن کي مارين.

هاڻي فقط ويڪسين ئي رهجي ٿي وڃي. مڇر مرن ڪونه ٿا. دوائون ڪم ڪونه ٿيون ڪن، ته پوءِ ويڪسين ئي بچائيندي. پري ڪوائيليفڪيشن دنيا جي صحت واري اداري جو هڪ طريقو آهي، جنهن ۾ هو دوائن جي افاديت کي چڪاسي ان جي استعمال جي انهن علائقن ۾ اجازت ڏيندو آهي، جتي بيماري وبا جي شڪل ۾ موجود آهي، جيئن مليريا، ٽي بي، ايڇ آءِ وي/ ايڊز وغيره جهڙا انفيڪشن. صحت واري اداري ننڍڙن ٻارن، نون ڄاول ٻارن ۽ پنج ڪلو کان گهٽ وزن وارن ٻارن لاءِ هڪ دوا جي اجازت ڏني آهي، جيڪا گڏيل قومن جو ادارو ۽ ٻيون ايجنسيون انهن ٻارن لاءِ خريد ڪري سگهنديون ۽ وبا وارن ملڪن ۾ پهچائينديون. ان کان اڳ انهن ٻارن کي وڏن ٻارن واريون دوائون ان ئي مقدار ۾ ڏنيون وينديون هيون، جيڪو انهن ٻارن لاءِ هاڃيڪار هيو.

دنيا جي صحت واري اداري جي اعلان مطابق آرٽيميٿر_ليوميفينٽرائين پهرين دوا آهي، جيڪا ڇوڪن ٻارن ۾ استعمال ٿيندي ۽ اهو پهريون دفعو ٿيو آهي. ڊبليو ايڇ او جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر ٽيڊروز ايڊهانوم گيبريسس چيو آهي ته، "صدين کان مليريا مائرن جون هنجون خالي ڪندي رهي آهي. هاڻي اها اميد پيدا ٿي آهي ته ويڪسين، نيون دوائون، نئين قسم جون دوا لڳل ڄاريون، نوان ٽيسٽ ۽ خاص ڪري ٻارن لاءِ دوائون، اهي سڀ هڪ اميد جو ڪرڻو آهن، پر ان لاءِ سياسي ۽ معاشي عزم جي ضرورت آهي. هاڻي اسان ڪري سگهون ٿا. هاڻي اسان کي ڪرڻ گهرجي."

صحت واري اداري نوان ٽيسٽ به متعارف ڪرايا آهن، جيڪي ڪري تشخيص ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. مليريا جو قسم ڏسڻ به ضروري آهي. ان مطابق علاج ٿيندو. سال 2024 ۾ دنيا جي 47 ملڪن مان مليريا ختم ٿي وئي آهي. ٻين 37 ملڪن ۾ 1000 کان گهٽ ڪيس ظاهر ٿيا آهن. مڇر مار دوائن جي بي اثر ٿيڻ، تشخيص ۾ ناڪامي ۽ عالمي امداد ۾ گهٽتائي، اهي وڏا مسئلا آهن، تنهن هوندي به سن 2000 ۾ 2.3 ارب ماڻهن کي انفيڪشن کان بچايو ويو ۽ هڪ ڪروڙ چاليهه لک جانيون بچايون ويون.

25 ملڪن مليريا جي ويڪسين شروع ڪئي آهي، جنهن سان ٻارن جون زندگيون بچن پيون. دوائون لڳل نيون ڄاريون به 84 سيڪڙو ماڻهن ۾ ورهايون ويون آهن. اهو سڀني مددگارن جي مدد سان ٿيو آهي. نيت ڪئي وئي آهي، محنت ڪئي وئي آهي، جنهن سان اهو سڀڪجھ ممڪن ٿيو آهي.

گذريل اپريل جي 25 تاريخ تي مليريا جو جيڪو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، ان جو هن سال جو موضوع هئو "صحت لاءِ ساٿ، سائنس سان گڏ." اها مهم سڄو سال هلائي ويندي، جيڪا سموري دنيا جي ماڻهن جي صحت خاطر آهي ۽ انهن جون زندگيون بچائڻ خاطر آهي. اچو ته اسان به گڏجي بيمارين خلاف جدوجهد ڪريون. گهرن، پاڙن، شهرن ۽ ڳوٺن ۾ صفائي رکون ۽ مڇرماري پاڻ بچايون. اها بنيادي صحت آهي. ان سلسلي ۾ سرڪار ۽ سماج جي ذميداري به وڏي آهي. ■

# تاج جويي جون سنڌي ٻوليءَ ادب لاءِ خدمتون ۽ ساروڻيون

ادريس جتوئي



تاج جويو، سنڌ جو ناميارو شاعر، اديب، محقق، تنقيدنگار ۽ مترجم آهي، جنهن پنهنجي پوري زندگي سنڌي علم ۽ ادب جي خدمت ۾ گذاري آهي. هُن سنڌ جي مُحب وطن دانشور ۽ اديب جي حيثيت ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جي لاٽ ٻارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي.

مان تاج جوئي کي 1979ع کان وٺي سُڃاڻان. هن سان منهنجي پهرين ملاقات موري شهر جي روشن تارا اسڪول ۾ ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ٿيل هڪ تقريب ۾ ٿي هئي. سگا جو ساليانو ڪنوينشن به انهيءَ ڏينهن تي رکيل هو. گُل ڦل جي ايڊيٽر انور هالائيءَ سان به پهرين ملاقات اُتي ئي ٿي هئي. اسان گل ڦُل رسالو

اُپڙڪا ڏئي، ٻاهر نڪرندو رهيو آهي، جيڪا شاعري مشاعرن ۾ پڙهڻ بدران هُو لکندو ۽ ساميءَ جيان مَٽ ۾ وجهندو ويندو آهي. مان سدائين تاج جويي کي چوندو آهيان ته، ”تو تحقيق ۽ تنقيد جا ته ڪيترائي اهم ڪتاب ڇپايا آهن، پر شاعريءَ جو ڪتاب نه ڇپايو آهي.“ ڪيس ٻيا دوست به شاعريءَ جو ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ڪيس چوندا رهيا آهن. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هاڻي وجي تاج شاعريءَ جو ڪتاب سهيڙيو آهي، جيڪو ’سوچون_ وڄ وراڪا‘ جي عنوان سان آهي. اهو سندس ڪُليات آهي. ان ڪتاب سان تاج جويو جو نوجوان شاعرن ۾ هڪ ٻيرو ٻيهر شاعراڻو تعارف ٿيندو ۽ اهي شاعريءَ مان لُطف اندوز ٿي سگهندا.

تاج جويي جي بنيادي سجاڳ شاعر واري رهي آهي. اڳتي هلي تحقيق ۽ تنقيد واري اهم ڪم سبب سندس شاعريءَ ڏانهن مڪمل ڌيان نه رهيو. هن تحقيقي ۽ تنقيدي ادب ۾ به پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست، خليفي نبي بخش لغاري، حمل فقير لغاري ۽ ٻين شاعرن تي به ڏاڍا سُٺا تحقيقي مقالا لکيا اٿائين. ان سان گڏ هن جديد سنڌي شاعريءَ جو به ڳوڙهو اڀياس ۽ پرک ڪئي آهي. انهن شاعرن ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري، عبدالحڪيم ارشد، مير محمد پيرزادو، راشد مورائي، نياز همايوني، امداد حُسيني ۽ ٻيا اهم وڃن ٿا. نوجوان شاعرن جي اڀياس تي سندس ڪتاب ”تلسين جي سرهاڻ“ ۽ ”نيڻ مهٽي خيال جاڳيا“ پڻ ڇپيا آهن.

پڙهڻ ڪري انور هالائيءَ کان ته واقف هئاسين، پر ٻين اديبن سان ڄاڻ سُڃاڻ نه هئي. تاج سان پوءِ وقت بوقت ملاقاتون ٿينديون رهيون.

ضلعي نوابشاهه ۾ انهيءَ دور ۾ ڪجهه نامي ارا ليکڪ هئا، جن سان اسان نوجوانن جو ادبي، علمي ۽ سماجي ناتو جُڙيو. انهن ۾ موري جو سائين راشد مورائي، نواب شاهه جو عبدالحڪيم ارشد ۽ سڪرنڊ مان سائين مير محمد پيرزادو، تاج جويو ۽ خاڪي جويو شامل هئا. نوابشاهه ضلعي ۾ ٿيندڙ حمل جون ادبي ڪانفرنسون يا جشن لطيف هُجن يا ڪي ٻيا ادبي پروگرام هجن، اسان جون انهن شخصيتن سان ملاقاتون ضرور ٿينديون هيون. انهن ملاقاتن جو اهم مرڪز سائين منير شاهه جي درگاهه؛ پير ذاڪري هوندي هئي، جتي راتين جون راتيون علم ۽ ادب تي گفتگو ٿيندي هئي ۽ سنڌ جي سينڌ سنوارڻ جون ڳالهيون ٿينديون هيون.

اسان جا سڀ شاعر دوست پنهنجي شاعريءَ به ضرور ٻڌائيندا هئا. سائين ارشد پنهنجي ’ڏيئا ڏات جا‘ ۽ ٻي وڏي جُلد ٿيل شاعريءَ جي ڪتاب مان شعر ٻڌائيندو هو. سائين راشد مورائي ’مان باغي هان‘، ’ضمير ڇهندڙيون هنيون‘ ۽ ٻيا نظم پڙهندو هو. سائين مير محمد پيرزادو ’سونا سونا سنگ، ٻنين ۾ سونا سونا سنگ‘ ۽ ٻيا گيت پڙهندو هو. خاڪي جويو پنهنجا طويل نظم ۽ وايون پڙهندو هو ۽ تاج جويو پنهنجي 1978ع ۾ ڇپيل ڪتاب ’سوچون سرها گُل‘ مان ٻين شعرن سان گڏ هيٺ ڏنل گيت ۽ شعر ضرور پڙهندو هو:

”جوئر جا ڪانا ٽا جهومن،
هاريءَ جا جذبا ٽا جهومن.
سنگ سنگ ۾ آ سَتُ سمايل، پورهيت جو آ رُت سمايل،
’هور... وهيو‘ پيها ٽا جهومن،
ڪانپاٽي، ڳوڙها ٽا جهومن!

_

پيهي تي پئي هڪليان جهارا!
جڳُ سجو جوانيءَ جو ويري، ماٽهوءَ ماٽهوءَ جي اک ميري،
جوين تان پئي، ٽڙيان جهارا!
پيهي تي پئي هڪليان جهارا!“

تاج جويي جي بنيادي سجاڳ شاعر واري رهي آهي. اڳتي هلي تحقيق ۽ تنقيد واري اهم ڪم سبب سندس شاعريءَ ڏانهن مڪمل ڌيان نه رهيو، پوءِ به رکي رکي سندس اندر جو شاعر

تاج جويي جو پهريون شعر مجموعو ’سوچون سُرها گل‘ (اياز گل سان گڏ) 1978ع ۾ سنڌ اشاعت گهر سڪرنڊ پاران ڇپيو هو. انهيءَ اداري هن ڪتاب کان اڳ سنڌ جي نامياري ترقي پسند شاعر سائين عبدالحڪيم ارشد جو ڪتاب ’ڏيئا ڏات جا‘ جو پهريون ڇاپو ڇپايو هو. انهن ڪتابن جي مُنهن مرڪندي پڌرائي سائين محمد ابراهيم جويي ڪئي هئي. تاج جويي ۽ اياز گل جي گڏيل مجموعي ’سوچون سرها گل‘ مان تنوير عباسي، اياز گل جي شاعريءَ تي ۽ شمشيرالحيدريءَ تاج جويي جي شاعريءَ تي مهاڳ لکيو هو. شمشيرالحيدريءَ انهي دور ۾ ئي تاج جويي جي شعرن ۾ اُڀرندڙ اهم شاعر کي سُڃاڻي ورتو هو. تڏهن ته لکيائين:

”تاج، فقط ڏهاڪو سالن اندر جنهن تيزيءَ سان اُڀريو ۽ مقبول ٿيو آهي، سا پنهنجي سر سندس شاعريءَ تي ساکي آهي. مون کي يقين آهي ته سندس ٻيو مجموعو تمام خوبصورت ٿيندو، جنهن جو اندازو سندس ٻنهه ويجهڙائيءَ وارين تخليقن مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هو ڌرتيءَ جي مسئلن کي انهن جي ثقافتي سونهن جي پس منظر ۾ پيش ڪرڻ لڳو آهي.“

تاج جويي جي انهيءَ شاعريءَ جي ڪتاب کان پوءِ ٻيو ڪتاب جيڪو وڌيڪ مقبول ٿيو، اهو آهي سندس ايم.اي سنڌيءَ جو مونوگراف ’سنڌي گيت‘. تاج، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي سنڌي پاس ڪئي ۽ گولڊ ميڊلسٽ بڻيو. پاڻ، هن ڪتاب ۾ ’سنڌي گيت‘ بابت محنت ۽ ڏاهپ سان لکيو آهي. جديد سنڌيءَ جي چوند ناميارن، گيت جي شاعرن، جن ۾ ڪشنچند بيوس کان وٺي مير محمد پيرزادي تائين ڪيترائي اهم شاعر اچي وڃن ٿا، انهن جي گيت جي فن، ٻولي، لهجي، ادائگي ۽ مٺي ۽ سُريلي رسَ ۽ ڇسَ بابت ڀرپور لکيائين.

ان کانسواءِ تاج جويي سنڌي گيت تي لکندي ننڍي کنڊ اندر هندي ۽ اردو ٻولين جي گيتن بابت به تفصيلي تمهيدي باب، پس منظر طور ڏنو آهي. هاڻي 1978 جي لکيل ان ڪتاب کي 2026 ۾ تاج جويو صاحب جيڪڏهن ٻين نون گيت جي شاعرن کي شامل ڪري ٻئي ڀاڱي طور سنڌالاجي يا ٻئي ادبي اداري کان ڇپائي ته هڪ بهترين ڪتاب ٿي پوندو.

تاج جويو، 1981ع ۾ ايچ.ايم.خوجا اسڪول سوسائٽي نواب شاهه مان گرفتار ٿيو ۽ جيل هليو ويو. انهيءَ عرصي ۾ مان ۽ فيض الله پيرزادو ساڱس جيل ۾ ملڻ توڙي ڪورٽ جي شنواين تي ويندا هئاسين. مان تڏهن مهراڻ ڪاليج موري ۾ شاگرد هئس ۽ فيض الله پيرزادو حبيب ٽيڪنيڪل ڪاليج نوابشاهه ۾ ڊپلوما ڪندو هو. اسان نه رڳو جيل تي ساڱس ملڻ ويندا هئاسين، پر سندس غيرموجودگيءَ ۾ سندس والد چاچي حاجي خان جويي وٽ مجيد ڪيريي به ويندا هئاسين ته جيئن ڪيس آٿت ڏئي سگهون. سندس والد به اڪثر شنواين وارن ڏينهن تي حيدرآباد ڪورٽ ۾ ايندو هو.

انهيءَ دور ۾ تاج جويو، رسول بخش ٿيبو ۽ علي محمد شاهه لکياري هٿ ڪڙين ۾ ڪورٽ جي شنواين تي ايندا هئا ۽ اسين ڏاڍو بيچينيءَ سان سندن انتظار ڪندا هئاسين. ٻيا ساٿي ۽ دوست به ايندا هئا، خاص طور ضلعي نوابشاهه جا دوست لونگ خان چنو ۽ ٻيا. تاج جي فيصلي واري ڏينهن ڪورٽ ۾ اسين ويٺا هئاسين. سندس والد چاچو حاجي خان جويو انهيءَ ڏينهن پئسا کُليا ڪٺي آيو هو (سِڪن جا ٻُڪ ڀري آيو هو)، ته ڄاڻ سندس پُٽ آزاد ٿيو. ان لاءِ ايندڙ ويندڙ فقيرن کي به خيرات ڏيندو رهيو ۽ دعائون به گهرندو رهيو. پر تاج آزاد ڪونه ٿيو. جنهن وقت ڪورٽ مان ٻاهر اچي ٻڌايائين ته هڪ سال سزا وٺي آيو آهيان، ته ان وقت هن سزا



جي لکا نه پيئي ڏني، پر سندس والد جو معصوم ۽ ڏکارو چهرو اڄ به نٿو وسري، جو هو چئي رهيو هو ته:

”تون آزاد نه ٿئين نه!“

آخرڪار والد هو. پُٽن جي قيد جي سزا سندن والدين کي به ملي رهي هئي.

خير، تاج جويو جيل ۾ به لکڻ پڙهڻ کان واندو نه ويٺو ۽ ڪتاب ترجما ڪندو رهيو. جيل ڊائري لکڻ سان گڏ دوستن کي خط لکندو رهيو. سندس هڪڙو ترجمو ڪيل ڪتاب ”دنيا جون انقلابي عورتون“ انهيءَ دور ۾ روشني پبليڪيشن ڇپيو. باقي ڪتاب هاڻي ”ڪوليءَ تي چند چمڪيو“ ۽ ”تا زلف چڪن زنجيرن جا“ ڇپيا اٿس. تاج ان دوران ڪيترائي مضمون به لکيا.

هن تحقيقي ۽ تنقيدي ادب ۾ به پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست، خليفي نبي بخش لغاري، حمل فقير لغاري ۽ ٻين شاعرن تي به ڏاڍا سُٺا تحقيقي مقالا لکيا اٿائين.

ان سان گڏ هن جديد سنڌي شاعريءَ جو به ڳوڙهو اڀياس ۽ پرک ڪئي آهي. انهن شاعرن ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام، استاد بخاري، عبدالحڪيم ارشد، مير محمد پيرزادو، راشد مورائي، نياز همايوني، امداد حُسيني ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. نوجوان شاعرن جي اڀياس تي سندس ڪتاب ”تلسين جي سرهاڻ“ ۽ ”نيڻ مهٽي خيال جاڳيا“ پڻ ڇپيا آهن. ان طرح هيءُ هڪ ئي وقت ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ جي ڄاڻ رکي ٿو. هن شاعريءَ جي صنفن تي به ڪافي مضمون لکيا آهن، جن ۾ نظم، آزد نظم، بيت، ڪافي، غزل، گيت ۽ دوها شامل آهن.

تاج جويي سنڌ جي ثقافت کاتي کي شيخ اياز جي شاعري ۽ نثر جي اڪثر جُلدن جي سهيڙ ڪري ڏني آهي، جيڪي 21 جلدن ۾ ڇپجي چُڪا آهن. ان کانسواءِ پاڻ شيخ اياز، ابراهيم جويي ۽ استاد بخاريءَ بابت به ڪتاب لکي چُڪو آهي.

تاج جويي جو تحقيق جي ميدان ۾ ٻيو وڏو ڪارنامو سنڌ جي اهم شخصيتن بابت ڪتاب مرتب ڪري ڇپائڻ آهي، جيڪو محمد عثمان منگيءَ سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم پاران ڇپائي چُڪو آهي. سنڌ جون اهي شخصيتون جيڪي عالمي سطح جي سُڃاڻپ رکن ٿيون، تن تي هن محنت سان تحقيق ڪري اهڙا ڪتاب مُرتب ڪيا آهن، جيڪي ايندڙ محققن لاءِ اهم ماخذ بڻبا. انهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولوي حاجي احمد ملاح ۽ نسيم کرل وغيره اچي وڃن ٿا.

تاج جويو، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ به ٻه ڀيرا سيڪريٽري رهي چُڪو آهي. اُتي به هن نه رڳو سرڪاري پورائيءَ جا ڪم ڪيا، پر سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، استعمال ۽ ترقيءَ بابت رات ڏينهن محنت ڪئي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا ڪيترا جلد، سنڌي لغات، سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال بابت ڪتاب ۽ سنڌي ٻولي جرنل شايع ڪرائڻ کان سواءِ هن ڪانفرنسون، سيمينار ۽ ورڪشاپ به ڪرايا. شام جو دير تائين ويهي مواد جي ٻولي درست ڪرڻ، پروف ڏسڻ ۽ انسائيڪلوپيڊيا لاءِ مواد هٿ ڪرڻ سندس روز جا معمول هئا. تاج جويو سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ايڊيٽر به آهي. هن کي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، گرامر، ٻيهڪ جي نشانين ۽ پروف ريڊنگ جي بهترين ڄاڻ آهي.

تاج جويي جو سنڌي ادبي سنگت سنڌ کي متحرڪ ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار رهيو آهي. اڄ جيڪا سنڌي ادبي سنگت هلي رهي آهي، ان ۾ تاج جويي جون خدمتون وسارڻ جون نه آهن. هُو سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پنج ڀيرا سيڪريٽري جنرل رهيو آهي. 1983ع ڌاري جڏهن سنگت کي ڪافي سالن کان پوءِ متحرڪ ڪري خيرپور ۾ سنگت جون چونڊون ڪرايون ويون ته تاج جويو چونڊجي آيو. هن ٻين ساٿين سان گڏجي سنڌي ادبي سنگت کي فعال ڪيو. سنڌي ادبي سنگت جي شاخن سان رابطو وڌايو، مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۽ سنڌ ڪائونسل کي متحرڪ رکيو. پبليڪيشن لاءِ به پاڻ پتوڙيائين، ادبي انعام به ڏنائين. شيخ اياز کي سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم سان جوڙڻ ۾ ٻين اديبن سان گڏ تاج جويي به اهم ڪردار ادا ڪيو، جنهن جو ذڪر شيخ اياز 1987 ۾ حيدرآباد ۾ ٿيل پروگرام ۾ تقرير دوران به ڪيو آهي.

ان سان گڏ هن سنڌ سنگت پاران سنڌ ۽ ادب جي اهم مسئلن بابت ڪانفرنسون، ليڪچر ۽ ڪتابن جا اڀياسي پروگرام به شروع ڪرايا.

شمشيرالحيدري کانپوءِ تاج جويو سنگت جو اهڙو سيڪريٽري جنرل رهيو آهي، جنهن سنگت کي وڏ ۾ وڏ وقت ڏنو ۽ متحرڪ رکيو. ان سلسلي ۾ پاڻ توڙي جو هڪڙي فڪري ڌُر سان لاڳاپيل رهيو آهي، پر سنگت جي پليٽ فارم کي گڏيل متحده محاذ جي شڪل ۾ قائم رکيائين، جنهن ۾ ترقي پسند، قوم پرست ۽ جمهوريت پسند ڌرين سان لاڳاپيل اديب هڪ هنڌ ڪٺي رهيا. توڙي جو انهن هڪٻئي سان اختلاف به رکيا، پر سنگت کي مضبوط رکيائون. سنگت جي ٻين سيڪريٽرين پڻ سنگت جي سفر کي اڳتي وڌايو ۽ تسلسل کي برقرار رکيو آهي. اڄ به سنگت کي حقيقي روح سان گڏيل محاذ بڻائي وڌيڪ تخليقي، تنقيدي، تنظيمي سطح تي متحرڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي. ■

## 15 مئي: ڪٽنبن جو عالمي ڏينهن:

# خاندان، اهميت ۽ حق



اَي آءِ جي مدد سان ٺاهيل

وسيع الدين جوڻيجو



رشتا ناتا ڪنهن به سماج جا اهم جُز هوندا آهن. اهي خاندان جا اهڙا ٿنڀا هوندا آهن، جن جي آڌار تي خاندان جي عمارت بيٺل هوندي آهي. خاندان مان مراد آهي ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهه آهي، جيڪو شادي، رت، يا گود وٺڻ جي رشتن سان متحد هجي، هڪ گهر ٺاهيندو هجي ۽ هڪٻئي سان انهن جي سماجي حيثيت ۾، عام طور تي زال، والدين، ٻارن، ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ رابطي ۾ هجي.

معاشري جي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ ۾ خاندان مرڪزي حيثيت رکن ٿا. جتي ڪيترن ئي خاندانن وٽ آمدنيءَ جا وسيع ذريعا موجود آهن، جن سان سندن زندگي خوشحاليءَ ۾ گذري ٿي، اتي ڪيترائي خاندان آمدني جي عدم تحفظ، محدود سار سنڀال جي مدد ۽ ضروري خدمتن تائين اڻبرابريءَ واري پهچ ڪي منهن ڏين ٿا. مناسب مدد ڪان سواءِ، ننڍڙن ۽ گهٽن ٻارن وارن خاندانن ڪي غربت جي وڌيڪ خطرن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو، جنهن جا ٻارن جي صحت، تعليم ۽ مجموعي خوشحالي تي مستقل اثر پون ٿا.

خاندانن جي اهميت ڪي نظر ۾ رکندي گڏيل قومن طرفان 15 مئي ڪي ”خاندانن جو عالمي ڏينهن“ ڪري ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن جو اعلان 1993 ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي پاران خانداني مسئلن بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ سماجي، معاشي ۽ انساني آباديءَ جي ترقيءَ ۾ انهن جي ڪردار ڪي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو.

اهڙو پهريون عالمي ڏينهن 15 مئي 1994 تي ملهايو ويو. هن سال (2026) جي عالمي ڏهاڙي جو موضوع ”خاندان، اڻبرابري ۽ ٻارن جي ڀلائي“آهي. ترقي پذير ملڪن ۾ اڻبرابري هڪ وڏي مسئلي جي شڪل ۾ موجود آهي. ان تناظر ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ اسان ڪي عموماً اڻبرابريءَ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. مثال طور وڏي ٻار جي ڀيٽ ۾ ننڍي ٻار ڪي وڌيڪ پيار ڏنو وڃي ٿو يا ڌيءُ جي ڀيٽ ۾ پٽن ڪي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي.

اڻبرابريءَ جو سڀ ڪان گهڻو شڪار عورتون ٿين ٿيون، جن ڪي اڪثر تعليم ڪان پري رکيو وڃي ٿو. ان سان گڏ ڪين وڏن جي ملڪيت ۾ حصو ڏيڻ ڪان پڻ انڪار ڪيو وڃي ٿو. عورتن ڪي اظهار جي آزاديءَ جو حق به نه ٿو ڏنو وڃي. جيڪڏهن ڪا عورت همت ڪان ڪم وٺي پنهنجن حقن جي گهر ڪري ٿي ته مٿس ڪارنهن جو الزام هڻي ڪيس قتل ڪيو وڃي ٿو. ايتريقدر جو ملڪيت تي قبضي جي خاطر ڇوڪرين جون شاديون سندن مرضيءَ سان ڪرائڻ ڪي به هڪ وڏو ڏوهه سمجهيو وڃي ٿو.

ذات پات جو چڪر به اسان جي معاشري جو هڪ وڏو الميو آهي. جنهن معاشري ۾ انا ۽ ضد جي دٻاءَ هيٺ فيصلا ڪيا ويندا هجن، ان معاشري ۾ رشتا ڪمزور ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن هندومت تي نظر وجهبي ته ان مذهب ۾ اسان ڪي ديوتائن جي ڀيٽ ۾ ديوين جو انگ وڌيڪ نظر ايندو. مثال طور، ڪالي ماتا، لڪشمي، هنگلاج ماتا، سيتا، سرسوتي، پاروتي، درگا، راڌا ۽ گايتري وغيره. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته آڳاٽي دور ۾ به عورت ڪي تمام گهڻي عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هيو. اسان جي اسلام ۾ پڻ عورتن ڪي سندن حيثيت ۽ حق ڏنا ويا آهن.

عورتن ڪان پوءِ اسان وٽ اڻبرابريءَ جو شڪار غريب گهر جو ٻارُ آهي، جنهن ڪي نه صرف تعليم ڪان پري رکيو وڃي ٿو، ان ڪي ننڍي عمر ۾ ئي مختلف ورڪشاپن، دڪانن ۽ چانهه جي هوٽلن وغيره تي مزدوريءَ لاءِ اماڻيو وڃي ٿو، جتي انهن تي جسماني تشدد سان گڏ جنسي استحصال پڻ ڪيو وڃي ٿو.

خاندانن اندر ٿيندڙ اهڙي قسم جي اڻبرابري جتي معاشري ۾ براين ڪي جنم ڏئي ٿي، اتي هن جا معيشت تي پڻ خراب اثر پون ٿا. اهڙن معاملن ڪي روڪڻ لاءِ حڪومت قانونسازيءَ جون دعوائون ته ڪري ٿي پر عملي طور اهڙا قانون صرف فائيلن جي زينت بڻيل آهن. حڪومتن ڪي ان سلسلي ۾ سخت اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. قانون سازيءَ سان گڏ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان سماج ۾ بهتري اچي سگهي ٿي:

1. سڀ ڪان پهريان عام ماڻهوءَ تائين خانداني رٿابندي بابت آگاهي ڏني وڃي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته پڙهيل غريب خاندانن ۾ ٻارن جو تعداد تمام گهڻو هوندو آهي، جنهن جي ڪري والدين پنهنجي اولاد جي صحيح نموني تعليم ۽ تربيت نه ڪري سگهندا آهن، جو ڪين سنگين معاشي مسئلا درپيش هوندا آهن.

2. معياري تعليم هر ٻار لاءِ ضروري ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ سٺن معياري اسڪولن جو قيام ۽ انهن ۾ قابل استادن جي ميرٽ تي ڀرتي اولين شرط هئڻ گهرجي. يونين ڪائونسل جي سطح تي ڇوڪرين لاءِ مڊل اسڪول ۽ تعلقي سطح تي هاءِ اسڪولن جو قيام عمل ۾ آندو وڃي. جيڪي والدين ٻارن ڪي اسڪول نه اماڻين، انهن لاءِ سزا مقرر ڪئي وڃي، چاهي اهي ڪيترا بااثر ڇو نه هجن.

3. چائيلڊ ليبر لاءِ اسان وٽ قانون ته موجود آهن، پر انهن تي عمل نه ٿو ڪيو وڃي. ايتريقدر جو قانونسازي ڪرڻ وارن ۽ قانون جي حفاظت ڪرڻ وارن اڪثر ماڻهن جي گهرن ۾ ننڍي عمر جا ٻار ملازمت ڪري رهيا آهن.

3. جرڳائي نظام متعلق پڻ قانون موجود آهن، پر انهن تي به عمل ٿيندي نظر نه ٿو اچي. سبب اهو آهي ته هڪ ته اسان جو عدالتي نظام فيصلا ڪرڻ ۾ سالن جا سال لڳائي ٿو ڇڏي، ٻيو ته قانونسازي ڪندڙ پاڻ ان قانون تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

5. اڄڪلهه جيئن ته سوشل ميڊيا جو دور آهي ۽ اڪثر ماڻهن جي ان تائين رسائي به آهي، تنهن ڪري ان پليٽفارم تان به عوامي سجاڳيءَ جي مهم هلائي ڪمزور طبقي ڪي پنهنجي حقن متعلق ڄاڻ ڏئي سگهجي ٿي. ■

> خاندانن جي اهميت ڪي نظر ۾ رکندي گڏيل قومن طرفان 15 مئي ڪي ”خاندانن جو عالمي ڏينهن“ ڪري ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن جو اعلان 1993 ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي پاران خانداني مسئلن بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ سماجي، معاشي ۽ انساني آباديءَ جي ترقيءَ ۾ انهن جي ڪردار ڪي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هو. اهڙو پهريون عالمي ڏينهن 15 مئي 1994 تي ملهايو ويو. هن سال (2026) جي عالمي ڏهاڙي جو موضوع ”خاندان، اڻبرابري ۽ ٻارن جي ڀلائي“آهي. ترقي پذير ملڪن ۾ اڻبرابري هڪ وڏي مسئلي جي شڪل ۾ موجود آهي. ان تناظر ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ اسان ڪي عموماً اڻبرابريءَ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا.

# راهوڪيءَ کان رُٺل هڪ شخص



رضا آڪاش خاناڻي



لطيف سرڪار جي هيءَ سِٽ "متيون ڏيندين لوڪ کي، چري پاڻ ٿياس..." ڪجهه سال پهرين ڪيپشن طور خالد جوڳيءَ ڪامريڊ امين جي تصوير مٿان لکي هئي. بيشڪ پڻائي جي اها سٽ پڻائيءَ هڻڻ ئي ماڻهن لئه لکي هئي.

منهنجي ڳوٺ جو هيءُ اَيڏي، جنهن جو حقيقت ۾ آئون شاگرد آهيان، پر هي وري مونکي پنهنجو روحاني پٽ سڏيندو آهي. بقول هن جي ته، آئون سندس تربيت ۽ توقع جي خلاف زندگي گذاري رهيو آهيان، جنهن ڪري هي مون تي ڪاوڙيل آهي، انڪري منهنجي ڳوٺ جي ديوارن تي هاڻ وڏيرن، ڀوتارن ۽ ڪامورن خلاف چاڪنگ سان گڏ هي مون تي به تنقيدي جملا لکي ڇڏيندو آهي.

ڪامريڊ امين، رسول بخش پليجو ۽ شهيد فاضل راهو جو ساٿي آهي. هن کي رسول بخش پليجي کان پو عوامي تحريڪ کان به شڪايت آهي، انڪري هن کي جڏهن آئون چيڙيندي چوندو آهيان ته، توکي ته عوامي تحريڪ مان ڪڍي ڇڏيو اٿن، تڏهن چوندو آهي ته، اهي مونکي ڇا ڪيندا، مون هنن کي نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي.

ايم آر ڊي تحريڪ جي هن يگاني ۽ ايماندار ڪردار، جنهن تي جوهيءَ جي احمد خان مدهوش ۽ محمد خان مجيدي جهڙن مزاحمتي شاعرن نظم به لکيا، جنهن سياسي هلچل جي شاهڪار ماضيءَ ۾ سڄي سنڌ، پليجي صاحب ۽ شهيد فاضل راهو سان گڏ جهاڳي، جنهن لئه راهوڪي سدائين سياسي مرڪز رهيو، پر اهو اڄڪلهه راهوڪي کان ايڏو رُٺل آهي، جو شهيد فاضل جي ورسي تي به راهوڪي نه ويندو آهي.

فاضل جو هي ديوانو دوست هاڻي شهيد فاضل جي اولاد تي پڻ سخت ناراض آهي. هن کي اسماعيل راهو، اسلم راهو ۽ امان شهناز راهو کان هزارين سياسي شڪايتون آهن، جيڪي سندس ڊائريءَ تي رقم ٿيل آهن.

ڪامريڊ امين چوي ٿو ته، پليجو صاحب جي ايم سيد جو سخت سياسي ۽ نظرياتي مخالفت هو، پر سيد جو حد کان وڌيڪ احترام ڪندو هو، ۽ جڏهن سيد کي جيل ۾ واڙيو ويندو هو ته، پليجو سنڌ جي اسٽيجن تان ڌمڪي ڏئي چوندو هو ته، سيد کي آزاد ڪريو، نه ته اوهان جا جيل ٽوڙي ڇڏينداسين.

ڌرتي تي اشرف المخلوقات جو حقيقي ماڊل ڪامريڊ امين خاناڻي اڄ به جڏهن ڳاڙهي جهنڊي وارن ڇوڪرن کي ڏسندو آهي ته، سندس ٻاجهاريون اکيون مرڪي پونديون آهن ۽ کلندي چوندو آهي، "هي ڇورا وڏا آڙيڪاپ آهن. اسان جي جلسن ۾ گهڙي اسان جا جلسا خراب ۽ هائيجيڪ ڪري وٺندا هئا. پوءِ اسين جڏهن سائينءَ کي دانهن ڏيندا هئاسين ته سائين اهو چئي ٽاري ڇڏيندو هو ته، اهي ڏنگا ٻار آهن، انهن کي ڪيئن ٽوڪي سگهجي." ■

# يادن جو سفر: ٻالڪ رسالو 'گُلڙا'

"گلڙا" جو هر پرچو مون لاءِ هڪ نئين خوشي ۽ هڪ نئون جوش ۽ جذبو آڻيندو هو. ان جا صفحا مون لاءِ ڪنهن خواب مثال هئا، جن مون کي محسوس ڪرايو ته، لفظ رڳو لفظ ناهن هوندا، پر اهي زندگيءَ جي جذبن ۽ احساسن جي جوڙجڪ ڪندا آهن. "گلڙا" مون کي اهو به سيکاريو ته، هر پل قيمت لهڻي، هر خوشي اَملهه آهي ۽ هر ياد سدائين جيئري رهندي آهي. جڏهن هر پرچي ۾ باقاعدگيءَ سان منهنجيون ڪهاڻيون ۽ مضمون ڇپجڻ لڳا ته هڪ عجيب خوشي ملڻ لڳي ۽ هڪ غرور پيدا ٿي پيو. پنهنجو نالو ڇپيل ڏسي اکين ۾ آلاڻ اچي ويندي هئي ۽ دل جو ڌڪو تيز ٿي ويندو هو.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي



اها گهڙي منهنجي ننڍپڻ جي يادن جو هڪ لازوال حصو آهي، جڏهن مون پهريون ڀيرو شڪارپور جي مشهور "مرتضيٰ بوڪ اسٽور" تي پير ڌريا هئا. مان ٻارڙن جو رسالو "پوپٽ" وٺڻ ويو هوس. بوڪ اسٽور تي قطار ۾ بيشمار سنڌي، اردو ۽ انگريزي رسالا ٽنگيا پيا هئا، پر انهن ۾ مون کي "پوپٽ" ڪٿي به ڏسڻ ۾ نه آيو هو. پڇا ڪرڻ تي بوڪ اسٽور جي مالڪ مرتضيٰ ابڙي ٻڌايو ته، "پوپٽ ته اڏامي ويو!" ۽ پوءِ هن پاڻ ئي مون کي "پوپٽ" بدران شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ٻارڙن جو رسالو "گلڙا" هٿ ۾ ڏنو. تڏهن مان پنجين درجي ۾ پڙهندو هوس. اهو پهريون ٻاراڻو رسالو هيو، جيڪو مون ڏيڍ روپئي ۾ خريد ڪيو هو.

"گلڙا" هڪ عام رسالو هو، پر منهنجي لاءِ ته اهو دنيا جو سڀ کان قيمتي خزانو بڻجي ويو. ان جي صفحن ۾ اها خوشبوءِ، اهي لفظ ۽ اهي ڪهاڻيون هيون، جن مون کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ تصوير جي دنيا جا اڻ ڳڻيا دروازا کولي ڇڏيا. هڪ سال ڪانپوءِ منهنجي پهرين ڪهاڻي "علم لڪائي عيب" جي سري هيٺ گلڙا ۾ شايع ٿي ته منهنجي دل ٽپا ڏيڻ لڳي. پنهنجي قلم سان لکيل ڪهاڻي "گلڙا" ۾ شايع ڪرائڻ هڪ خواب هيو، جنهن ساپيان ماٺي ورتي هئي. اهو پَل، جڏهن مان پنهنجو نالو "گلڙا" جي ورقن تي ڏٺو هو، اڄ به دل ۽ ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ روشن آهي ۽ جنهن جي لاٽ کي وقت ڪڏهن به جهيڻو ناهي ڪري سگهيو.

"گلڙا" رڳو هڪ رسالوئي نه هيو، پر هڪ استاد هيو، هڪ دوست هو ۽ هڪ همسفر هو. ان جي هر پرچي ۾ نئين دنيا، نيون ڪهاڻيون ۽ نوان ڪردار هوندا هئا. شاعري، مضمون، تصويرون ۽ ٻيو جام دلچسپ مواد. ڪنهن جادوءَ وانگر هو، جنهن مون کي موهي ڇڏيو هو. مان اهو مواد وَرَ وَرَ ڪري پڙهيو به، ته پاڻ لکڻ جي ڪوشش به ڪئي. منهنجي دل ۾ هڪ خيال پيدا ٿيو ته، هڪ ڏينهن مان به ادبي دنيا ۾ پنهنجو نالو روشن ڪندس ۽ اهو رسالو تڏهن مون کي اُن ڏَڳ لائي رهيو هو.

"گلڙا" جو هر پرچو مون لاءِ هڪ نئين خوشي ۽ هڪ نئون جوش ۽ جذبو آڻيندو هو. ان جا صفحا مون لاءِ ڪنهن خواب مثال هئا، جن مون کي محسوس ڪرايو ته، لفظ رڳو لفظ ناهن هوندا، پر اهي زندگيءَ جي جذبن ۽ احساسن جي جوڙجڪ ڪندا آهن. "گلڙا" مون کي اهو به سيکاريو ته، هر پل قيمت لهڻي، هر خوشي اَملهه آهي ۽ هر ياد سدائين جيئري رهندي آهي.

جڏهن هر پرچي ۾ باقاعدگيءَ سان منهنجيون ڪهاڻيون ۽ مضمون ڇپجڻ لڳا ته هڪ عجيب خوشي ملڻ لڳي ۽ هڪ غرور پيدا ٿي پيو. پنهنجو نالو ڇپيل ڏسي اکين ۾ آلاڻ اچي ويندي هئي ۽ دل جو ڌڪو تيز ٿي ويندو هو. اهي گهڙيون هڪ ٻارڙي لاءِ خوشي ته آڻيندڙيون هيون، پر اهي هڪ ليک جي جنم وٺڻ جو پهريون قدم پڻ هيون.

اسڪول جو زمانو وهامي ويو ته، ڪاليج جا ڏينهن آيا. زندگيءَ هڪ نئين رفتار ۽ نئون رنگ روپ اختيار ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ مون پڙهائيءَ، دوستن جي ڪچهرين ۽ ڪلاس روم جي سادي ماحول سان گڏ پنهنجي دل جي دنيا ۾ "گلڙا" جي روشني ڳولڻ شروع ڪئي. "گلڙا" نه رڳو ٻالڪپڻ جي هڪ ياد هئي، پر هاڻي هڪ ذميداري، هڪ سپنو ۽ هڪ مقصد بڻجي چڪو هيو. ڪاليج ۾ مون کي اهو موقعو مليو جو مان "گلڙا" جو سب ايڊيٽر ٿي ويس. ان مرتبي تي پهچڻ مون لاءِ هڪ جذباتي سفر هو. سب ايڊيٽر جو مطلب رڳو صفحا سهيڙڻ ڪونه هو، پر هر ڪهاڻي، هر شعر، هر مضمون ۽ هر ليکڪ جي پويان لڪل دنيا کي سمجهڻ ۽ ان کي بهتر ۽ اثرائتي انداز ۾ پڙهندڙ ٻارڙن تائين پهچائڻو هو.

مان هر پرچي جي اشاعت کان اڳ راتيون جاڳي پهتل مواد پڙهندو هوس، ڇپجڻ جوڳو مواد ڌار ڪري ضروري درستگيون ڪندو هوس ۽ دل سان ڪوشش ڪندو هوس ته هر ليک کي وڌ کان وڌ سهڻو ڪريان. هر لفظ، هر جملو، مون لاءِ گهڻو اهم هوندو هو ۽ هر فيصلو هڪ نئون اعتماد ڏيندو هو. گڏوگڏ نئون سبق سيکاريندو هو. ڪاليج جي مصروفيتن، لکڻ پڙهڻ ۽ امتحانن جي وچ ۾ "گلڙا" منهنجي دل جو سڪون، منهنجي تخليقي آزادي ۽ منهنجي سڃاڻپ بڻجي چڪو هو.




سب ايڊيٽر جي طور تي مون اهو به محسوس ڪيو ته "گلڙا" جو هر پرچو صرف رنگارنگي مواد جو ڳُٽڪو ئي ناهي، پر ٻارڙن جي دنيا، سندن سندر سپنن ۽ جذبن جو اولڙو پڻ آهي. مان هر ليک کي ڇنڊي ڇاڻي وٽندڙ بڻائيندو هوس ۽ هر لفظ جو قدر ڪندو هوس. اهڙيءَ طرح "گلڙا" جو هر پرچو هڪ نئين جذبي، هڪ نئين خواب ۽ هڪ نئين احساس سان منهنجي آڏو اچي ويندو هو.

وقت جي رفتار سدائين بيرحم هوندي آهي. اهو رسالو، جنهن منهنجي ننڍپڻ جي دنيا کي جادوءَ سان ڀري ڇڏيو هو ۽ ڪاليج وارن ڏينهن ۾ منهنجي زندگيءَ کي روشن ڪيو هو، هڪ ڏينهن بند ٿي ويو. رسالي جي مالڪ ۽ سي اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور ۾ اسلامڪ ڪلچر جي استاد پروفيسر امام بخش عاصم اها بُري خبر ٻڌائي ته، "مالي حالتون ڏاڍيون خراب آهن، تنهنڪري گلڙا کي جاري نه رکي سگهبو." اهو ٻڌي دل ۾ هڪ خالي پڻو پيدا ٿي ويو ۽ دماغ جڻ سوچڻ ڇڏي ڏنو.

تنهن ڏينهن مان پهريون ڀيرو محسوس ڪيو ته هر شيءِ عارضي آهي. اهي خوشيون، اهي گهڙيون، اهي اشاعت جا ڏينهن_ سڀ ڪنهن خواب جيان هئا. پر دل جي اٿاهه گهرائيءَ ۾ هڪ روشني باقي هئي، جيڪا ڪڏهن به اجهامي ڪونه پئي سگهي. اها روشني هئي يادن جي، تجربن جي ۽ جذبن جي، جيڪي "گلڙا" منهنجي دل ۾ وسايا هئا. مان پاڻ وٽ سڀ پرچا هٿيڪا ڪري ڇڏيا آهن. هر پرچو هڪ خزانو آهي. هر ورق هڪ ياد ۽ هر لفظ هڪ احساس. جڏهن به مان انهن پرچن کي ڏسندو آهيان ته انهن ۾ موجود هر لکڻي مون کي زندگيءَ وانگر ساسندي آهي. ڪڏهن پنهنجي پهرين ڇپيل ڪهاڻيءَ کي ڏسندو آهيان، ته اکين ۾ آلاڻ اچي ويندي آهي. اهي گهڙيون ڪڏهن به واپس ڪونه اينديون، پر انهن جي ياد ۽ اثر کي ميسارڻ ممڪن ئي ڪونهي.

"گلڙا" منهنجي لاءِ رڳو ادبي ڪاڻ ئي ڪونه هئو، پر اهو زندگيءَ جو هڪ جرڪندڙ عڪس هو. ان ۾ ڇپيل هڙئي لکڻيون منهنجي دل جي احساسن، خوابن ۽ يادن جا اولڙا ڏيکارين ٿيون. مون "گلڙا" جي هر پرچي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو هڪ حصو محسوس ڪيو ۽ اڄ به جڏهن انهن پرچن کي ڏسندو آهيان ته هر گهڙي، هر جذبو ۽ هر ياد ٻيهر جيئري ٿي پوندي آهي. سچ ته "گلڙا" منهنجي دل جي روشني آهي، منهنجي روح جو آواز آهي ۽ منهنجي زندگيءَ جو اهو حصو آهي، جيڪو منهنجي مرڻ ڪانپوءِ به جيئرو رهندو. ■

سارين جي پوک ڪندڙ آبادگارن جي خدمت ۾ :

# گذريل سال سارين جي جن جنسن ۾ مسئلا پيدا ٿيا هئا، سي هن سال نہ پوکيو

منل جسڪاڻي



سارين جي پوک ڪندڙ آبادگارن جي خدمت ۾ هيءُ عرض ڪرڻو آهي تہ. گذريل سال ۽ ان کان اڳي، هر ڀيري پوکيل سارين جا فصل ۽ هر سال سارين ۾ پريشاني جو سبب بڻجندڙ مسئلا ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ممڪن آهي تہ، ان يادگيريءَ جي روشني ۾ سارين جو هن سال فصل پوکڻ کان اڳ ۾، پوکڻ ۽ سنڀالڻ دوران، اوهان ڪا اهڙي حڪمت عملي جوڙي، ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، جيئن هِن سال، ڪجھ مسئلا ٿيڻ کان اوهان جو بچاءُ رهي يا وري مسئلي کي مُنهن ڏيڻ ۾ سولائي ٿئي.

سڀ کان پهريون اهم نقطو آهي اوهان جي زمين. زمين ڪهڙي قسم جي آهي؟ زمين هيٺانهينءَ ۾ آهي يا مٿانهين تي آهي؟ پاڻيءَ جي پيچ واري نسبت سان زمين مُندي يا پوڇڙ ۾ تہ نہ آهي؟ زمين پوک لائق، ٿهيل يا ڦِتل تہ نہ آهي؟ زمين سارين جي پوک جهڙي بہ آهي يا نہ؟ انهن سمورن سوالن جي جوابن کان پوءِ بہ سوچيو، تہ اوهان جي زمين شهرن يا روڊن کي ڪيتري ويجهو آهي؟ ان زمين ۾ ساريون پوکڻ يا سارين بدران مختلف قسم جون ڀاڄيون، ٻھ يا جانورن جي چاري وارا گاهہ، ڇا پوکڻ سان منافعو وڌيڪ ٿيندو؟

جيڪڏهن ساريون ئي پوڪيون آهن، تہ ياد ڪريو: اڳ ۾ اوهان ڪهڙي يا ڪهڙيون ڪهڙيون جنسون پوکيون هيون؟ انهن ۾ پاڻيءَ جي گهاٽي واڌي، مهل بي مهل برسات سان ڪو نقصان تہ نہ ٿيو هو؟ سارين جي فصل ۾ ڪڏهن، ڪهڙا نقصانڪار جيت يا سارين جون ڪهڙيون بيماريون، اوهان جي پريشانيءَ جو سبب بڻيون هيون؟ جڏهن سيني سوالن جا جواب ملي وڃن، تہ مهرباني ڪري اهڙي جنس پوکيو، جنهن ۾ اوهان وٽ يا اوهان جي علائقي ۾، جيت يا بيماري جو مسئلو بہ نہ ٿيو هجي ۽ في ايڪڙ پيداوار بہ خاطر خواهہ ملي هجي.

> زمين جي بهتر تياري نہ ڪرڻ، وقت سِر ٻيجارو نہ پوکڻ، ٻيجاري جي عمر مطابق رونبو نہ ڪرڻ، ضرورت مطابق پاڻي نہ ڏيڻ، پراڻو پاڻي نيڪال ڪري نئون پاڻي نہ ڏيڻ ۽ جنس جي گهرج مطابق خوراڪ نہ ملڻ جي ڪري، جيتن ۽ بيمارين جا مسئلا وڌن ٿا. جڏهن تہ فصل واري زمين جي مٽي چڪاس ڪرايل هوندي، فصل جي عمر مطابق گهربل خوراڪ جهڙوڪ نائٽروجن، فاسفورس، پوٽاش ۽ سارين جي لاءِ زنڪ ڏيڻ سان مختلف قسم جي جيتن، گڏرن ۽ بيمارين تي ضابطي ۾ مدد ملندي.

ياد رکو تہ سارين سميت هر فصل خواهہ باغ ۾، جيتن ۽ بيمارين جو مسئلو، انهن جنسن ۾ ٿئي ٿو، جن ۾ جيتن ۽ بيمارين سان مقابلو ڪرڻ جي سگهہ يعني قوت مدافعت نہ هوندي آهي.

زمين جي بهتر تياري نہ ڪرڻ، وقت سِر ٻيجارو نہ پوکڻ، ٻيجاري جي عمر مطابق رونبو نہ ڪرڻ، ضرورت مطابق پاڻي نہ ڏيڻ، پراڻو پاڻي نيڪال ڪري نئون پاڻي نہ ڏيڻ ۽ جنس جي گهرج مطابق خوراڪ نہ ملڻ جي ڪري، جيتن ۽ بيمارين جا مسئلا وڌن ٿا. جڏهن تہ فصل واري زمين جي مٽي چڪاس ڪرايل هوندي، فصل جي عمر مطابق گهربل خوراڪ جهڙوڪ



نائٽروجن، فاسفورس، پوٽاش ۽ سارين جي لاءِ زنڪ ڏيڻ سان مختلف قسم جي جيتن، گڏرن ۽ بيمارين تي ضابطي ۾ مدد ملندي. خوراڪ جي گهاٽي توڙي واڌي، ٻنهي صورتن ۾ جيتن ۽ بيمارين جا مسئلا وڌن ٿا.

ياد رکو ۽ ساريون پوکيندڙ آبادگار هڪ ٻئي کان پڇي پڪ ڪريو تہ، سارين جي جن جنسن ۾ گذريل دفعي جيتن ۽ بيمارين جا مسئلا ٿيا هئا، اهي جنسون هن سال نہ پوکيو.

ساريون پوکيندڙن سميت سمورن آبادگارن جي ڄاڻ لاءِ عرض تہ زرعي آباديءَ وارن علائقن ۾، هر هڪ ديهہ لاءِ، هر يونين ڪائونسل ۾، حڪومت پاران زرعي رهنمائي لاءِ زرعي صلاحڪار مقرر ٿيل آهن. هر تعلقي ۽ ضلعي هيڊڪوارٽر ۾، زرعي صلاحڪارن جا مددگار نگران ۽ اعليٰ عملدار مقرر آهن. انهن سان لهہ وچڙ ۾ اچي، انهن جي صلاح سان فصل پوکي، پنهنجا مسئلا گهٽايو، في ايڪڙ پيداوار وڌايو، وڌيڪ مُنافعو حاصل ڪريو.

خانگي زرعي ڪاروباري ادارا ۽ ڪمپنيون بہ آهن. انهن جا ماتحت ذيلي مرڪز بہ آهن. انهن جي ڪارڪردگي بابت ڄاڻ حاصل ڪريو. اعتبار، اعتماد، پروسي جهڙن تي ڀلي ڀاڙيو. هونئن نہ تہ حڪومتي ادارن جهڙوڪ زرعي توسيع سنڌ، زرعي تحقيق سنڌ، زرعي ڪاليج، ڪيمپس ۽ يونيورسٽي مان معلومات حاصل ڪري، نقصان کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريو. ■

# ’وجوديت‘ ۽ دنيا جا اهم فلسفي

مدهوش مير



وجوديت (Existentialism)جديد فلسفي جو هڪ اهم وهڪرو آهي، جيڪو انسان جي انفرادي وجود، آزادي، ذميواري ۽ زندگيءَ جي معنيٰ تي زور ڏئي ٿو. هن فڪر کي مختلف مفڪرن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جن ۾ نتشي، ڪرڪيگارڊ، جين پال سارتر ۽ مارٽن هائيڊيگر نمايان حيثيت رکن ٿا.

پروفيسر فريدالدين شيخ جو لکيل هيءُ ڪتاب، جنهن جو ترجمو جاويد اقبال لاڙڪ ڪيو آهي، اهو سنڌي پڙهندڙن لاءِ هڪ قيمتي علمي خزاني برابر آهي. هي ڪتاب سادي، واضح ۽ مربوط انداز ۾ مغربي وجوديت جي فلسفي کي پيش ڪري ٿو. هن ۾ ڪرڪيگارڊ، نتشي، هائيڊيگر ۽ سارتر جي نظرين جو تنقيدي جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي خاص خوبي اها آهي تہ اهو ڏکين فلسفياڻين خيالن کي عام فهم ٻوليءَ ۾ بيان ڪري ٿو.

مجموعي جائزي ۾ وجوديت جو مرڪزي نڪتو اهو آهي تہ، انسان پاڻ پنهنجي زندگيءَ جو معمار آهي. وٽس آزادي آهي، پر اها ذميواريءَ واري آهي. ڪرڪيگارڊ ايمان تي زور ڏئي ٿو، نتشي طاقت ۽ خود تخليقيت تي، هائيڊيگر وجود جي گهراين تي ۽ سارتر آزادي ۽ ذميواري تي زور ڏئي ٿو. هي ڪتاب انهن سيني خيالن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، سنڌي پڙهندڙن لاءِ هڪ مضبوط فڪري بنياد فراهم ڪري ٿو. اهو ڪتاب نہ رڳو فلسفي جي شاگردن لاءِ، پر هر اُن ماڻهوءَ لاءِ مفيد آهي، جيڪو زندگيءَ جي معنيٰ، مقصد ۽ پنهنجي




سچاڻپ بابت سنجيدگيءَ سان سوچڻ چاهي ٿو.

ڪرڪيگارڊ کي وجوديت جو باني چيو وڃي ٿو. سندس خيال هو تہ ”سچائي“ ڪا خارجي شيءِ ناهي، پر اها فرد جي اندروني تجربي سان جڙيل آهي. هن انسان جي زندگيءَ کي ٽن مرحلن ۾ ورهايو: جمالياتي، اخلاقي ۽ مذهبي. سندس مطابق حقيقي وجود تڏهن حاصل ٿئي ٿو، جڏهن انسان پنهنجي ذاتي چونڊ ۽ ايمان ذريعي زندگيءَ جي معنيٰ ڳولي.

نتشي وجوديت کي هڪ نئون رخ ڏنو. هن سپرمين جو تصور ڏنو، جيڪو پنهنجي قدرن کي پاڻ تخليق ڪري ٿو. نتشي لاءِ زندگيءَ جو مقصد پنهنجي قوت، ارادي ۽ تخليقي صلاحيتن کي مڪمل نموني ظاهر ڪرڻ آهي. هائيڊيگر وجود کي ”Dasein“جي اصطلاح سان بيان ڪيو، جنهن جو مطلب آهي ”هتي هجڻ.“ هن انسان جي وجود کي وقت، موت ۽ بيچينيءَ سان ڳنڍيو. سندس مطابق انسان کي پنهنجي فنا (موت) جو شعور حاصل ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهو شعور ئي کيس حقيقي ۽ بامعنيٰ زندگي گذارڻ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

سارتر وجوديت کي وڌيڪ واضح ۽ عوامي بڻايو. سندس مشهور قول آهي: ”وجود ماهيت کان اڳ آهي.“ (Existence precedes essence).يعني انسان پهريان وجود ۾ اچي ٿو ۽ پوءِ پنهنجي عملن سان پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي ٿو. هن مڪمل آزاديءَ تي زور ڏنو، پر ساڳئي وقت چيو تہ انسان پنهنجي چونڊن جو مڪمل ذميوار آهي، جنهن ڪري بيچيني پيدا ٿئي ٿي. جاويد اقبال لاڙڪ هن ڪتاب جو ترجمو تمام سولي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي، جيڪا پڙهندڙ کي ڪنهن بہ طرح هن ڪتاب کان پري نہ ڪندي. ■

# سنڌ جي زراعت کي روايتي طريقي سان هلائڻ جو وقت گذري چڪو آهي

مصطفيٰ نانگراج
(ناٽنگهم، انگلينڊ)



سنڌ ۽ سنڌين جي ترقي، خوشحالي ۽ قومي سجاڳيءَ ۾ زراعت جو ڪردار انتهائي بنيادي اهميت رکندڙ آهي. جڏهن اسين سنڌ جي ڳالهه ڪريون ٿا، تڏهن اسين رڳو زمين جي ڳالهه نٿا ڪريون؛ پر اسين تاريخ، سڃاڻپ، روزگار، ڳوٺاڻي زندگي، ۽ سنڌي ماڻهن جي مستقبل جي ڳالهه ڪريون ٿا. سنڌ جي مستقبل کي سنڌ جي زراعت کان الڳ ڪري نٿو ڏسي سگهجي.

سنڌ ۾ زراعت رڳو معيشت جو هڪ شعبو ناهي؛ پر اها ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ڪرنگهي جي هڏي آهي. اها ماڻهن کي ڪاڏو ڏئي ٿي، مارڪيٽن کي هلائي ٿي، ڳوٺن کي جيئرو رکي ٿي، ۽ اها لکين خاندانن جي عزت، بقا ۽ اميد سان ڳنڍيل آهي. جيڪڏهن زراعت ترقي ڪندي تہ سنڌ خوشحال ٿيندي؛ ۽ جيڪڏهن زراعت ڪمزور ٿيندي تہ ان جو اثر رڳو آبادگارن، هارين ۽ زرعي مزدورن تائين محدود نہ رهندو، پر سڄي سنڌي سماج تي ان جو اثر پوندو.

اسان گهڻو ڪري چوندا آهيون تہ، ترقيءَ جو بنيادي رستو تعليم آهي. اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي، پر منهنجي خيال ۾ سنڌي ماڻهن جي وسيع ترقي تعليم ۽ زراعت جي گڏيل مضبوطيءَ سان ممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ تعليم هاڻي مفت ناهي رهي، ۽ گهڻن ڳوٺاڻن خاندانن لاءِ پنهنجي ٻارن کي اڳتي پڙهائڻ جو سڀ کان وڏو وسيلو اڃا بہ زراعت مان ايندڙ آمدني آهي. سنڌي سماج ۾ جيڪا سجاڳي آئي آهي، ان ۾ وڏي حصي طور اهو طبقو شامل آهي، جيڪو ٻهراڙين مان نڪتو، تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ دنيا جي مختلف ملڪن تائين پهتو.

پر اڄ سنڌ جي زراعت هڪ سنجيده بحران مان گذري رهي آهي. پيداوار جي پيٽ ۾ خرچ تمام گهڻو وڌي ويو آهي. روايتي زراعت هاڻي تيز رفتار عالمي مقابلي، وڌندڙ لاڳتن، موسمي تبديلي، پاڻيءَ جي کوٽ، مارڪيٽ جي غير يقيني صورتحال ۽ بدلجندڙ صارفين جي ضرورتن جي پيٽ ۾ گهڻي منافعي بخش نہ رهي آهي. دنيا ۾ جتي جتي زراعت ترقي ڪري رهي آهي، اتي روايتي زراعت کي سائنسي، ڪاروباري،

> سنڌي ماڻهن جي وسيع ترقي تعليم ۽ زراعت جي گڏيل مضبوطيءَ سان ممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ تعليم هاڻي مفت ناهي رهي، ۽ گهڻن ڳوٺاڻن خاندانن لاءِ پنهنجي ٻارن کي اڳتي پڙهائڻ جو سڀ کان وڏو وسيلو اڃا بہ زراعت مان ايندڙ آمدني آهي. سنڌي سماج ۾ جيڪا سجاڳي آئي آهي، ان ۾ وڏي حصي طور اهو طبقو شامل آهي، جيڪو ٻهراڙين مان نڪتو، تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ دنيا جي مختلف ملڪن تائين پهتو، پر اڄ سنڌ جي زراعت هڪ سنجيده بحران مان گذري رهي آهي.

مارڪيٽ سان ڳنڍيل ۽ علم تي ٻڌل زراعت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. سنڌ کي بہ هاڻي اهڙي ئي تبديليءَ جي ضرورت آهي.

سنڌ جي زراعت لاءِ پهريون اهم قدم اهو هجڻ گهرجي تہ زرعي شعبي جو سائنسي بنيادن تي تفصيلي جائزو ورتو وڃي. اها ڳالهہ سمجهڻ ضروري آهي تہ اسان وٽ زمين، پاڻي، فصلن، مارڪيٽن، آبادگارن، هارين، نارين، زرعي مزدورن، مالوند ماڻهن، ساموندي پٽي، ٿر، ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ڪلر وارن علائقن بابت جدا جدا مسئلا آهن. انهن سڀني کي هڪ ئي روايتي پاليسيءَ سان حل نٿو ڪري سگهجي. اسان وٽ اهڙي زرعي پاليسي گهرجي، جيڪا مقامي حقيقتن تي ٻڌل هجي، پر عالمي علم، جديد ٽيڪنالاجي، مارڪيٽ جي ضرورتن ۽ مستقبل جي خطري کي بہ سامهون رکي.

سنڌ جي زراعت جو هڪ اهم، پر نظرانداز ٿيل پاسو عورتن وارو بہ آهي. ڳوٺاڻين عورتن جو زرعي ڪمن ۾ 60 سيڪڙو کان بہ وڌيڪ حصو آهي. هو ٻني، مال، ٻج، خوراڪ، گهر، پاڻي، چوپائي مال جي چاري، ڪير، پاڃين ۽ ڪيترن ئي روزمره جي ٻين زرعي ڪمن سان جڙيل آهن. پر انهن لاءِ ڪا واضح زرعي پاليسي موجود ناهي. ڪڏهن سنجيدگي سان اهو سوچيو ئي ناهي ويو تہ اهي ڇا ٿيڻ چاهين، انهن جي محنت کي ڪيئن تسليم ڪيو وڃي، انهن کي ڪهڙيون سهولتون ڏجن، ۽ انهن لاءِ ڪهڙيون ننڍيون زرعي ڪاروباري اسڪيمون شروع ڪجن، جن ذريعي سندن هٿ ۾ سڌي آمدني اچي سگهي. جيڪڏهن سنڌ جي زرعي ترقيءَ ۾ عورتن کي مرڪزي حيثيت نہ ڏني وئي تہ اها ترقي اڌوري رهندي.

سنڌ وٽ اهڙا قدرتي زرعي وسيلا موجود آهن، جن کي اڄ تائين جديد بنيادن تي استعمال ئي ناهي ڪيو ويو، خاص طور تي ٿر، ڪاڇو ۽ ڪوهستان اهڙا علائقا آهن، جتي قدرتي طور تي ٿيندڙ زراعت ۽ مالداري گهڻي حد تائين نامياتي، يعني آرگينڪ (نامياتي) نوعيت جي آهي. انهن علائقن ۾ ڪيميائي ڀاڻن ۽ زرعي زهرن جو استعمال اڪثر هنڌن تي بلڪل ناهي، باقي ٿورو ٿڪو ڪٿي ڪٿي ٿئي ٿو. دنيا ۾ آرگينڪ خوراڪ ۽ قدرتي پيداوار لاءِ وڏي طلب وڌي رهي آهي، پر اسان پنهنجي قدرتي آرگينڪ علائقن کي عالمي معيارن مطابق رجسٽر، سرٽيفاءِ ۽ مارڪيٽ سان ڳنڍي نہ سگهيا آهيون.




جيڪڏهن ٿر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان کي عالمي سطح تي آرگينڪ زون طور ترقي ڏني وڃي، اتان جي زرعي ۽ مالداري شين کي معيار، پيڪنگ، سرٽيفڪيشن ۽ مارڪيٽنگ سان ڳنڍيو وڃي، تہ انهن علائقن جي معيشت ۾ وڏي تبديلي اچي سگهي ٿي. اها رڳو زرعي پاليسي نہ هوندي، پر غربت گهٽائڻ، روزگار پيدا ڪرڻ، عورتن کي معاشي طور سگهارو ڪرڻ، ۽ پٺتي پيل علائقن کي قومي ترقيءَ ۾ شامل ڪرڻ جو عملي رستو هوندي.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي ساموندي پٽي سميت ڪيترائي علائقا سم ۽ ڪلر جي ورچڙهيل آهن. انهن زمينن جي مڪمل بحالي گهڻي مهانگي ۽ ڏکي آهي، پر انهن علائقن ۾ سيلائين ايگريڪلچر، يعني ڪلر برداشت ڪندڙ فصلن، ٻوٽن، چارن ۽ ٻين زرعي طريقن تي ڪم ڪري سگهجي ٿو. دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ اهڙن علائقن کي مڪمل طور ڇڏي ڏيڻ بدران انهن لاءِ خاص زرعي نظام جوڙيا ويا آهن. سنڌ ۾ بہ اهڙي سوچ جي سخت ضرورت آهي.

سانا جي دوستن آڏو منهنجي بنيادي تجويز اها هئي تہ سانا سنڌ جي زراعت کي پنهنجي قومي ايجنڊا جو اهم حصو بڻائي. سانا پاران سنڌ جي زراعت بابت هڪ جائزاتي ورڪنگ گروپ جوڙيو وڃي، جنهن ۾ زرعي ماهر، معاشيات جا ڄاڻو، پاليسي ماهر، مارڪيٽنگ جا ماهر، پاڻيءَ جا ماهر، عورتن جي ترقيءَ سان لاڳاپيل ماڻهو، ۽ ٻاهر رهندڙ پروفيشنل سنڌي شامل ڪيا وڃن. اهو گروپ سنڌ جي زرعي صورتحال جو باقاعده جائزو وٺي، مسئلن ۽ موقعن جي نشاندهي ڪري، ۽ عملي تجويزون تيار ڪري.

ان سان گڏ سانا کي گهرجي تہ سنڌ جي زراعت بابت هڪ عالمي سطح جي زرعي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ اقوام متحده جي خوراڪ ۽ زراعت واري اداري (ايف اي او) سميت ٻين عالمي زرعي، تحقيقي ۽ ترقياتي ادارن کي دعوت ڏني وڃي ۽ انهن کان فني معاونت حاصل ڪئي وڃي. ان ڪانفرنس جو مقصد رڳو تقريرون ڪرڻ نہ هجي، پر سنڌ جي زراعت لاءِ هڪ جديد، قابلِ عمل ۽ مستقبل ڏانهن رخ رکندڙ حڪمت عملي تيار ڪرڻ هجي. اهڙي ڪانفرنس مان نڪرندڙ تجويزن جي بنياد تي عالمي ادارن کان سنڌ جي زراعت بابت هڪ غيرجانبدار بيڪ گرائونڊ اسٽڊي ڪرائي سگهجي ٿي، جنهن ۾ موجوده صورتحال، مسئلا، امڪان، عالمي تجربا ۽ قابلِ عمل رستا واضح ڪيا وڃن.

انهن تجويزن جي بنياد تي سنڌ سرڪار سان بامعنيٰ رابطو ڪري سگهجي ٿو تہ زرعي شعبي کي وقت جي ضرورتن مطابق تبديل ڪيو وڃي. سانا، پنهنجي علمي ۽ پيشاوراڻي سگهہ جي بنياد تي، سنڌ سرڪار کي سهولتڪاريءَ جي آڇ بہ ڏئي سگهي ٿي تہ، هو ان ڪم ۾ فني، فڪري ۽ رابطي واري سطح تي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سانا جا دوست خاص طور تي سانا جو صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ۽ سانا جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد علي شيخ سميت سمورا دوست دنيا جي مختلف شعبن ۾ تعليم يافتہ، تجربيڪار ۽ بااثر آهن؛ جيڪڏهن اهي گڏيل انداز ۾ سنڌ جي زراعت بابت سنجيده تجويزون تيار ڪرائيندا تہ انهن کي نظرانداز ڪرڻ آسان نہ هوندو. ان سلسلي ۾ لنڊن ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ جاکوڙيندڙ ڊاڪٽر گل ميتلو پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

سنڌ جي زراعت کي روايتي طريقي سان هلائڻ جو وقت گذري چڪو آهي. هاڻي اسان کي ڪاروباري زراعت، مارڪيٽ سان ڳنڍيل پيداوار، ويليو ايڊيشن، آرگينڪ سرٽيفڪيشن، عورتن جي زرعي ڪاروبار، سيلائين ايگريڪلچر، جديد آبپاشي، وڌيڪ منافعي وارن فصلن جي پوک، ۽ علم تي ٻڌل زرعي ترقيءَ ڏانهن وڃڻو پوندو. آبادگار، هاري، ناري، زرعي مزدور ۽ مالوند ماڻهو صرف همدرديءَ جا حقدار ناهن؛ اهي سنڌ جي معاشي ۽ قومي طاقت جو بنياد آهن. انهن کي مضبوط ڪرڻ سنڌ کي مضبوط ڪرڻ برابر آهي.

آخر ۾ منهنجو موقف اهو آهي تہ سنڌ کي رڳو همدردي جي ضرورت ناهي؛ سنڌ کي ويزن، پاليسي ۽ عملي قدمن جي ضرورت آهي. سنڌ جي قومي سجاڳي، سماجي ترقي ۽ معاشي خوشحاليءَ جي مرڪز ۾ زراعت کي رکڻو پوندو. جڏهن سنڌ جو زرعي طبقو معاشي طور مضبوط ٿيندو، تڏهن اهو پنهنجي ٻارن کي بهتر تعليم ڏياري سگهندو، پنهنجي سماج ۾ وڌيڪ اعتماد پيدا ڪندو، ۽ سنڌ جي مجموعي ترقيءَ ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهندو.

سانا جهڙو عالمي سنڌي ادارو هن ڪم ۾ هڪ اهم شروعات ڪري سگهي ٿو. ضرورت رڳو اها آهي تہ سنڌ جي زراعت کي جذباتي بحث بدران علمي، فني، ڪاروباري ۽ پاليسي بنيادن تي ڏٺو وڃي. جيڪڏهن اسان اڄ اهو قدم کنيو، تہ سنڌ جي زراعت رڳو پيداوار جو ذريعو نہ رهندي، پر سنڌ جي خوشحالي، سجاڳي ۽ مستقبل جي تعمير جو مضبوط بنياد بڻجي سگهي ٿي. ■

*لنڊن ۾ سانا پاران ڪوٺايل سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس ۾ سنڌ جي زراعت بابت اها تجويز پيش ڪئي وئي تہ سانا سنڌ جي زرعي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ورڪنگ گروپ جوڙي ۽ عالمي ادارن جي فني سهڪار سان سنڌ لاءِ جديد، ڪاروباري ۽ عمل جوڳي زرعي حڪمت عملي تيار ڪرائي.*

mustafanangraj@gmail.com

*(25 اپريل 2026 ع تي لنڊن ۾ سانا پاران منعقد ٿيل سنڌي ڊائسپورا ڪانفرنس ۾ هڪ ليکڪ ۽ زرعي ماهر جي حيثيت سان پڙهيل ليک)*

## هن هفتي جو شاعر

# دليپ ڪوٺاري



### نثري نظم

### پَٽاپَٽِي موڙ (Zebra Crossing)

سِج سمورو اولهہ ۾ اُلهي چُڪو هو
نِماءُ شام جو ڏيک هو
ڏهاڙي پورهيو ڪندڙ ڪمِي، ڪاسبي، تاريخِيا
اُيري ڪان لٽي تائين جي ڪِرت پورِي ڪري
سودي سلف ساڻ سستين سوارين تي يا پنڌ پيادا
پنهنجن پنهنجن گهرن تڙن ڏي وَري رهيا هئا
شهر بروبر پنج ڪلوميٽر پُٺتي هو پر
صُبحاڻڪي سوجهارڪي جي آس
سئو سيڪڙو اکئين اَڳيان هئي۔
شام جي بدن تي بہ
هري هري رات جا پاچا وري رهيا هئا
ڏٽيءَ جو نانءُ ڳنهڻ وارا
سانجهيءَ جي سنبت ڪري رهيا هئا
ڏِيل ٺار سِيئاڪو بہ مُند آهر
رت دوري ۾ داخل ٿيڻ جا جتن ڪري رهيو هو
لاڏائوئن جي وسندي وٿان ڪِن لنگهندڙن تي
پاليل ڪُتو بہ رُومڙ ڪندو ٿي اڳتي وڌيو
هر وهِي ۽ ٿهيءَ جا شهري
واڪ ورزش ۽ پنڌ پسار لاءِ آيا ويا پئي
منهنجي دِل بہ:
پنهنجِي ڏيهِيءَ جو پهرواس پائي
معمول موجب پسار تي نِڪتل هئي
تِڪَ تجلي ۽ تاءُ جي منعڪس ٿيڻ جو
پري پري تائين ڪو اُهڃاڻ آثار ڪو نہ هُيو
گاڏيون لاريون بہ
بِنا مُڪ ۔ بتيون ٻارڻ جي مَتي رهيون هيون
ڪونئري دِل جي اٿاهہ ڳوَري درد جو بار ڍوئيندڙ هڪ جُسو
زيبرا ڪِراسِنگ واري پَٽاپَٽي موڙِ وٽ جو پُڳو
تہ اوچتو هڪ ڪارِي ڪَرولا ڪارِ
دل تي وارُ ڪندِي چا گذرڻ لڳِي
اوچتو ٻَڪَرال وِچ جهڙو تجلو ٿي پيو
تِکي تيز ۽ حد نگاهہ شوخ رنگِي روشنيءَ جي
تيز چمڪاٽن ڪي
جُسي جون جهيٽيون اکيون جالي نہ سگهيون
۽ انهن سامهون گهرا ۽ ڪارا عڪسي پَٽا جُڙي پيا ۔
ساپيان جي سِڪايل نيٽن
اَجا سامت ۾ اچڻ ۽ پَٽا هٽڻ جو سوچيو ئي مس پئي تہ
ساڳِئي پَٽاپَٽِي موڙِ تي ئي
ڪارِ جي فرنٽ سِيٽ تان
تنهنجي تيجوان چهري جو ڳُوڙهو ڳاڙهو عڪس نمُودار ٿيو!

### بيت

دُکي جيان ٿي داخل، مُک منجهہ ’ماءُ ٻولِي‘
سا سِنڌِي وِسارڻ نہ سولِي، رڳن ڊوڙي رتُ جيان.

ڏُت منهنجي ڏيهُہ جو، ڪاجَ آهي خاصو،
مارُوءَ کن اُپراسو، تيئي تاٽا تارڻ مهل.

گُل ڪٽي هٿ ۾، ڪري ٿي بَهار جي آجيان،
سُياٽي جي سايان، ٻهڪي ٻارِڙيءَ مُک مان.

هتين ڪنيل هَسُلِي، جيئن ئي ڪنٺُ پاتم،
تَنهِين وَير ڄاتم، سودي ڪيو ساهُ سوگهو.

ڦيرائي ڦيرائي ڦَرهيءَ کي، جئن ڪُنير ارپي مِٽيءَ آڪارُ،
تيئن ٿپجي ٿپجي ٿو ماٽي، نِينهُن هر ڪَلا جو نِڪارُ.

مِٺا تون منهنجي سِيم جا، جيڪر ڏِسين وٺين مورَ هَرڻ،
جيون جا وِساري جنجَهٽ، هوند وڃي لڳين تَن تي مَرڻ!

ساڙڏري پِٽَ مَٽي، تارن ترسائِي هُئي رات،
ٽِي پِرهُ ڦُٽي پِريات، توکي سارِيندي او سُپرين.

جنهن جي سُونهَن ڪيا، وارِيءَ مٽي وِڇاٽا،
تَنهين پَتار جا پاٽان، جرڪايا سُورج جوتِي.

## غزل

### نفيس نهڙي



ٿي روز اسانکي ڪٺي اچي تنهنجي پيار جي لهر
خيالن جي خوشبو ڪٺي پچائي اوهان جي شهر

تون بَدين جي بدن تي اُڪريل نانءُ چاهت جو
آئون اڻ اظهاريل عشق جو ڇڻ رولاڪ مسافر

تون دلبرين پريو دادلو تو ۾ ٿا گلابي ٽهڪ ٽڙن
مون ۾ ٿو وسي وڇوڙو خاموش هڪ راهگذر

تنهنجا ڏينهن سمورا سدا بهار رتي رهاڻ گذرن
منهنجي هر رات گذري ٿر ٿڪل اونيٺڙو سفر

تنهنجي درخشان دل تي گلن جي گفتار جا قصا
منهنجي بيابان من تي رڳو تنهنجي سار جو قهر

تون آهين ڪٿي ڪير ڪنهن کان پرين پتو پڇي
هڪ چريو پاڻ وڃائي وري ڏس ڳولي پيو ٻيهر.

## غزل

### حيدر مهراڻي



هُن جا نيڻ هئا يا خنجر خاموش ها
اک اک آلي جا ڪي پِنجر خاموش ها

لوڪ پرين اڇلايا ها بي دردي سان
رت ڪڏي تہ ويا سي پٿر خاموش ها

دل جبل ڪنهن ٻرندڙ جهڙي ٿي پئي ٿي
جي شعلا ها دل جا! اندر خاموش ها

گهنڊ وٺن جي ڄارن ۾ ويڙهجي ويا
ڪو تہ ولي هو جنهن جا پڌر خاموش ها

دور پري ڪان هنج اڏامي پئي آيا
ڪنهن ڍنڍ اڪيلي جا سَنجَر خاموش ها.

## نظم

### ’درد‘ هوش محمد ابڙو

مُندَ اُجاري، رُليا، راڻا موڪيءَ جا
روز مَتارا، سَهندا ماڻا موڪيءَ جا

آهَ اُجاري، نيڻَ اُجارا، چاهُ اُجو
واٽَ وڏي ۽ اکڙين جو، ويساهُ اُجو
ڪولِ قصا ڪي، اڄ ڳوناڻا! موڪيءَ جا
روز مَتارا، سَهندا ماڻا موڪيءَ جا.

پياسا تاسا ڪاڏي، ويندا ايندا پيا؟
خوابَ نوان سنسار ڪي، سندر ڏيندا پيا
ڪيرُ وساري ويهُہ، وڇاڻا موڪيءَ جا
روز مَتارا، سَهندا ماڻا موڪيءَ جا.

دل جو ڌَڙڪو، مَنَ جي، چولي يارَ جيان،
دردُ اکين ٿي، آيو آهي پيارَ جيان،
ياد پيا اڄ سورَ، سيباڻا موڪيءَ جا
روز مَتارا، سَهندا ماڻا موڪيءَ جا.

’هوش‘ محمد، جيڏا ڦَٽَ پُراڻا هنِ
اوندهہ هٿَ ۾، ايڏا مَٽَ پُراڻا هنِ
جند گُهري ٿي، ڪو نہ جهوراڻا موڪيءَ جا
روز مَتارا، سَهندا ماڻا موڪيءَ جا.

## ٽي سٽا

### عزيز ڪوسو



ڪارونجهر جا ڳاٽ
وٺبيون ناهن منزلون
وڪٽي پنهنجي واٽ
❊
دودي جي تاريخ
وڙهجي ڪاري رات سان
ٻٽجي ڪائي چيخ
❊
سرمد جا آواز
تون نہ وسرندين سن ڪان
توتي ڌرتي ناز
❊
هوشو جي تلوار
ٻرندو پيو تاريخ ۾
تنهنجو هڪڙو وار
❊
پيلن جي آ لڏ
ٿڙڪي پيا آواز سان
پوڙها هاري هڏ
❊
ڪولهين جا ماضي
پيدا ڪر ڪو روپلو
ياد ٿئي تازي
❊
جوڳين جي مڙهي
دئور پڇي ويو چنڊ تي
جوڳڻ ڇو نہ پڙهي
❊
ڪاري او جوڳڻ
شهر اهو ئي ساڳلو
تنهنجو ناهي اچڻ

## غزل

### نويد ناز پٽي



يار هاريل ڪا بازي ڪٿي ٿا سگهو
ڪجهہ قدم پوئتي جي هٽي ٿا سگهو

توکي بيٺل سدائين ها ملندس اُتي
پنهنجي گهر جي نهاري گهٽي ٿا سگهو

سنڌ جي ان منجهان پئي ٿي خوشبو اچي
منهنجي چاجي بدن جي مٽي ٿا سگهو

مان تہ ميرانجهڙو عڪس ناهيان مٽي
ها وڃهي ڪا نظر بہ ڇِٽي ٿا سگهو

ناز آهي اڪيلو اڳي ڪان گهٽو
ها ڪري راهہ ۾ ئي ڦٽي ٿا سگهو

## وائي

### گهايل لغاري



نرمل اکين ۾
ڪومل دلين ۾
توهر ڦٽندا ٿا وڃن.
ماٺهون پِٽ ٻڻجي ويا
سندن روين ۾
توهر ڦٽندا ٿا وڃن
غيرت جا ويا ، رڇُلهي
واهن، ندين ۾ ،
توهر ڦٽندا ٿا وڃن.
بک پلي آ وياج ڪان
چيٽ ۔ ڪتين ۾
توهر ڦٽندا ٿا وڃن.
پتيون سڪتي ۾ آهن
گهٽين، چتين ۾
توهر ڦٽندا ٿا وڃن.

## غزل

### راحت نياز پٽو



تو لئہ دڳ ۾ نهار رکندو هان
روز ٻانهُن جو هارُ رکندو هان

پنهنجي دل ۽ دماغ تي اڪثر
تنهنجون يادون سوار رکندو هان

صرف تنهنجي قرار جي ڪارڻ
پاڻ کي بيقرار رکندو هان

ساقي تنهنجي خلوص جي خاطر
پنهنجي اکڙين خمار رکندو هان

دوستن کان گهٽو تہ دشمن تي
حد کان وڌ اعتبار رکندو هان

سنڌ تنهنجي بقا وفا جي لئہ
قلم سان گڏ ترار رکندو هان.

بلقان جي ملڪن: البانيا، ڪوسووو ۽ نارٿ ميسيڊونيا جو سفر

# هَلُ سومرا، پلي گهم ميسيڊونيا

عبدالله عثمان مورائي

منهنجي گائيڊ ۽ ڊرائيور خردي ٻڌايو ته هتي ڪوسووو ۾ مسلمان پنهنجي الڳ سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ باقاعدي پنهنجون مذهبي سرگرميون ڪن ٿا. عبادت ڪن ۽ پنهنجا ڏينهن ملهائين ٿا. ان جي ابتڙ البانيا ۾ اهڙي ڳالهه نه آهي. بهرحال اسان رات جو دير سان اچي ترانا پهتاسين.





ٻئي ڏينهن صبح جو وري "ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه." تيار ٿي، ناشتو ڪري خردي سان هڪ دفعو ٻيهر اچي سندس گاڏيءَ ۾ ويٺس. هاڻي اسان جي منزل نارٿ ميسيڊونيا هئي. هَلُ سومرا پلي گهم ميسيڊونيا. اسان ترانا مان نڪري ڏکڻ واري پاسي هلڻ شروع ڪيو ۽ ڪافي شهر کان ٻاهر نڪري اسان هڪ پيٽرول پمپ تي چانهه پيئڻ ۽ گاڏيءَ ۾ تيل پرائڻ لاءِ اچي بيٺاسين. چوڌاري پهاڙي علائقا هئا، جن جي وچ ۾ ٻه عدد رهائشي عمارتون ۽ هڪ مسجد نظر آئي. موسم بلڪل صاف ۽ ڪجهه ٿڌڪار واري هئي. هڪ انتهائي نماڻو ڪتو ٿڌڪار ۾ اس جو فائدو وٺندي پيٽرول پمپ جي فرش تي پنهنجو منهن زمين تي رکي آرام سان ويٺو هو. نه ڪا هڪل، نه ئي ڪو پري کان ڪنهن پٿر جي اچڻ جو امڪان. گاڏيءَ ۾ ويهندي آءٌ ان ڪتي کي ڏسي مشڪيس ۽ هڪ دفعو وري اسان جو سفر شروع ٿيو. ٿوري دير کان پوءِ اسان اوپر واري پاسي هلندا رهياسين.

خردي الباسان مان گذرندي ٻڌايو ته، هن شهر جي هڪ مزيدار ڊيليڪيسي بالوڪومي الباساني آهي، جنهن کي هتان هن شهر مان لنگهندي پاڻ کي ان جي ذائقي جو مزو وٺڻ گهرجي. مون ٻه چيوس، پلي. هڪ جاءِ تي هڪ دڪان جي ٻاهران هلي گاڏي بيهاريائين، جتي ٻه عورتون پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيون هيون. اسان کي ڏسي هڪدم چوڪس ٿي ويون. انهن مان اسڪارف پهريل عورت شايد دڪان جي مالڪ هئي. ٻي عورت شهر جي ٿي ڪا هئي، جيڪا بالوڪومي وٺڻ آئي هئي، پر اتي اهي پاڻ ۾ ڪچهري ۾ مشغُول ٿي ويون هيون. بالوڪومي کائيندي مون کي سنڌ ياد اچي وئي. جيئن پاڻ ميهڙ مان لنگهندي اتان جي ميندي يا مائو وٺون، هالا مان جنڊيءَ جو سامان، گهوٽڪي يا نوشهروفيروز مان مائو، موري مان ڏاڏا پروءَ جو حلوو، سڪرنڊ مان چاچا عبدالرحمان جي آئسڪريم، خيرپور مان کجور يا حيدرآباد مان بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ. آءٌ البانيا ۾ بالوڪومي کائيندي ڄڻ سنڌ جي، مٿي ذڪر ڪيل کاڌڻ وارين شين جو به مزو وٺي ويس.

سائين هلو اڳتي... سفر دوران ڪٿي ڪٿي واٽ تي پراڻي ريل جون پٽڙيون به اجا موجود نظر آيون. خردي ٻڌايو ته گهڻي قدر اهي ٽريڪس ڪميونزم جي دور ۾ معدنيات کي الباسان ۾ ڌاتن جي فيڪٽريءَ تائين پهچائڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا هئا، پر ملڪ ۾ ڪميونزم جي خاتمي کان پوءِ انهن جي پرگهور نه لڌي وئي ۽ اهي تاريخ جو حصو ٿي ويا. جيئن پاڻ وٽ ٽنڊوآدم کان پڊعيدن وايا سڪرنڊ ۽ موري واري لائين ماضيءَ جو حصو ٿي وئي آهي.

ٽنڊوآدم کان پڊعيدن وڃڻ واري ان ريل گاڏيءَ ۾ مون پنهنجي مرحوم پڦي نورخاتون سان ٻه ٽي دفعا سڪرنڊ کان موري تائين سفر به ڪيو هو ۽ موري پهچڻ کان پوءِ ماڻهو ڏڏڙ ۾ پيوت ٿيڻ بعد پاڻ کي به سڃاڻي نه سگهندو هو. آخري دفعو ان ريل کي مون 1993ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول موري ۾ پنهنجي ڏهين درجي جي استاد سائين احمد خان لاڳاهه جي ڪلاس ۾ پنهنجن ننڍپڻ جي پيارن دوستن: معروف چانڊئي ۽ نديم عرف مور ميمڻ سان هڪ ئي ڊيسڪ تي ويٺي ڪلاس جي دريءَ مان ڏٺو هو. فرق رڳو اهو آهي ته البانيا ۾ انهن پٽڙين جو لوهه اجا تائين ڪير پٽي گهر ناهي کڻي ويو ۽ ان جي اوسي پاسي قبضا به ناهن ٿيا.

هن پاسي به هارين جا پنهنجا تازين ڀاڄين ۽ ميون جا اسٽال نظر آيا. بهرحال خير سان اسان اچي البانيا ۽ نارٿ ميسيڊونيا جي بارڊر تي پهتاسين. پاسپورٽ چيڪ ڪيائون. پوءِ گاڏي کي هڪ جاءِ تي بلڪل مٿي کٽي ذرو پرزو چيڪ ڪرڻ بعد سرحد پار ڪرڻ جي اجازت ملي. مون اتي محسوس ڪيو ته ڪوشش ڪري ماڻهو ڪنهن مڪمل اٿورائيزڊ ٽريول آپريٽر سان گڏ ٻين سياحن جي گروپ سان سفر ڪري ته بهتر ٿيندو، ڇاڪاڻ ته ان صورت ۾ جيڪڏهن ڊرائيور ڪو سامان اسمگلنگ وغيره ڪري ٿو ته ان ۾ ٻيا سياح محفوظ رهن ٿا.

مون خرديءَ کي چيو ته مون کي ايترو اندازو نه هو ته اهو بارڊر ڪو ايترو سخت هوندو. هن جو خيال هو ته، اهو نوجوان چوڪرن کي ڏسي اهڙي قسم جي randomly چڪاس ڪندا آهن. بهرحال اسان ٿوري دير ۾ ئي اوخرد ڍنڍ جي ويجهو هئاسين، جتان کان پوءِ اسان کي ان جي چوڌاري ڦرڻو هو. اوخرد ڍنڍ يورپ جي پراڻين ۽ گهرين ڍنڍن مان هڪ آهي، جيڪا 288 ميٽير اونهي آهي. ان ڍنڍ ۾ ڪو 200 قسم جا مختلف آبي نسل جا جانور موجود آهن.

اسان گاڏي بيهاري هلڻ شروع ڪيو. هاڻي اصل ۾ اسان ماضيءَ جي هڪ فيڊريشن يعني اڳوڻي يوگوسلاويا ۾ هئاسين ۽ واٽ ويندي، ان دور جون مشهور گاڏيون "يوگو" گهرن جي سامهون اجا تائين بيٺل نظر آيون. اها "يوگو" ذري گهٽ پاڻ واري سوزوڪي ايف ايڪس وانگر ٿي آهي. اسان هلندا اچي اوخرد جي پراڻي هيلينسٽڪ دور جي ايمفي ٿئيٽر تي پهتاسين، جيڪو 1980ع ۾ کوٽائيءَ دوران ظاهر ٿيو هو. اتي ٿورو نظارو ڪيو. ڪجهه تصويرون ڪڍيون ۽ پوءِ هلو بابا اڳتي.





اوخرد ڍنڍ ۽ هن ٿئيٽر جي وچ وارن ۽ اوسي پاسي ۾ موجود ڳاڙهه سُرين ڪپرل وارين سِرن سان گهرن جون ٽهيل ڇتين جو نظارو تمام خوبصورت هو. اوخرد جو شهر به ڪافي پري تائين ڦهليل نظر آيو، پر ان سڄي ماحول جي مٿان اوخرد ڍنڍ حاوي هئي.

ان کان پوءِ اسان قلعي ڏانهن ويندڙ پٿريلي رستي تان ٿيندا اوخرد جي قلعي، جنهن کي هو "سيموئلس فورٽريس" چون ٿا، تي آياسين. جتي خردي پاڻ اندر هلڻ لاءِ دل پي هڻئين. بهرحال مون ڪيس چيو ته، تون پلي هتي انتظار ڪر، آءٌ اندران ٿي ٿو اچان. ٽڪيٽ وٺي قلعي جي پٽين تي، مٿي ويندڙ ڏاڪڻين تي چڙهي ويس. هي قلعو ٻه ڄڻ ڪورني ڪوٽ جو قلعو هجي. فرق رڳو اهو هئو ته اوخرد جي قلعي جي سامهون هڪ تمام وڏي خوبصورت ڍنڍ هئي. آءٌ قلعي جي پٿريلين پٽين تي هڪ ٽاور کان ٻئي ٽاور تائين گهمندو رهيس ۽ اوسي پاسي جي نظاري جو مزو وٺندو رهيس. پري پري تائين ڍنڍ ۽ ان جي پويان پري پري تائين پهاڙ هجن. ڪافي ٻيا سياح به اتي گهميا پئي. آخر ۾ ڪنهن اسڪول جا ٻار پنهنجين ماسترياڻين سان گڏ مطالعاتي دوري تي اچي پهتا.

آءٌ سمجهان ٿو ته اسڪول جي ٻارن لاءِ اهڙي قسم جا مطالعاتي دورا ضروري آهن. آءٌ ڪجهه وقت قلعي اندر گذاري واپس آيس ته خرديءَ پڇيو، ڪيئن لڳو قلعو؟ مون چيس ته، سٺو آهي، خاص ڪري قلعي تان اوسي پاسي جو نظارو تمام خوبصورت آهي.

قلعي کان پوءِ اسان اجا اڳتي وڌندا وياسين. واٽ تي ڪجهه سووينيئرس جا هڪ اڌ اسٽال به نظر آيا. ٿوري دير ۾ اسان پهاڙيءَ تان هيٺ لهندا آياسين. ٿورو هيٺ، ڍنڍ جي بلڪل مٿان پهاڙيءَ تي اڏيل، سينٽ جان ڪنيو جو گرجا گهر نظر آيو. انتهائي دلڪش ۽ پرسڪون جاءِ تي اڏيل هو اهو. اسان هيٺ لهي اچي ان جي اڱڻ ۾ پهتاسين. ڪجهه ڪبوتران گرجا گهر جي ڇت تي ويٺا هئا. ڪجهه ويهڻ لاءِ بينچون ۽ انهن جي وچ ۾ وڏي پٿر جي ٽيبل پيل هئي، جن تي ماڻهو ويهي رهي ۽ اوسي پاسي جي ماحول جو مزو وٺي ته، سڄو ڏينهن گذري وڃي. بلڪل هيٺ ڍنڍ ۾ وري ڪجهه ٻيڙيون، جيڪي شايد سياحن کي گهمائڻ جي مقصد لاءِ هيون، سي ڍنڍ جي پاڻي جي سطح تي بيٺيون هيون. ڪي ڪناري تي اونڌيون لڳيون پيون هيون. شايد ان وقت سياحت جي موسم ذري گهٽ ختم ٿي چڪي هئي ۽ اهي وري هاڻي ايندڙ اونهاري جو انتظار ڪنديون هونديون.

اسان هيٺ لهندا اچي ڍنڍ جي سطح تائين پهتاسين. گهٽيون سوڙهيون ٿي ويون. هڪ پاسي پهاڙيءَ جي وچ ۾ پٿر جي سرن سان ور وڪڙ هيٺ مٿي ٺهيل گهٽيون هيون، ته ٻئي پاسي گهر. گهرن جي ٻاهران وليون لڳل، پٽين تي چاڪنگ، ڪي گهر صفا زبون حالت ۾، ته ڪي رهڻ جي قابل ٿي لڳا. ڪٿي ڪٿي گهٽين جو انت ڍنڍ جي ڪناري تي ٿيو ٿي، جتي ڪجهه ٻيڙيون به بيٺل نظر آيون. ڍنڍ جو پاڻي ۽ اوسي پاسي جو ماحول انتهائي صاف سٿرو هو. حق حلال جي روزيءَ جي ڳولا ۾ ڍنڍ ۾ ڪٿي ڪٿي مهاڻن جون ڏيون مڇي مارڻ لاءِ ٻيڙيون به نظر آيون. اسان ڍنڍ جي ڪناري سان ڪاٺ جي ڦٽن سان ٺهيل پليٽفارم تي اوخرد جي شهر ڏانهن هلندا رهياسين ۽ ڪٿي ڪٿي وچ تي ڪجهه يادگار تصويرون پڻ ڪڍندا رهياسين.

هلو سائين اڳتي... اوخرد جي گهٽين ۾ ڦرندا رهياسين. ڪٿي پوري رنگ جي ٻلين اسان جو واٽ تي آدر ڀاءُ ٿي ڪيو، ته ڪٿي شهر جي خاموشيءَ ۾ هوا جي سرسراهٽ. ماڻهن گهرن جي ٻاهران شايد يوگو ڪارون يادگار جي طور تي بيهاري ڇڏيون هيون. ٿورو هلڻ کان پوءِ اسان اچي شهر جي هڪ ٻئي وڏي گرجا گهر: سينٽ صوفيه جي عمارت جي ٻاهران پهتاسين. اهو گرجا گهر يونيسڪو هيريٽيج جي حفاظت ۾ پڻ اچي ٿو. ان جي اندر ڪونه وياسين، رڳو ٻاهران ئي چڪر ڏنوسين.

آهستي آهستي اسان اتان رهائشي علائقي مان نڪري شهر جي پراڻي بازار ڏانهن وڌندا رهياسين. واٽ تي عورتن سووينيئرس جا دڪان پئي هلايا. هڪ دفعو وري اسان ڍنڍ جي ويجهو اچي وياسين ۽ اڳتي هلندا اوخرد سٽي اسڪوائر کان ٿيندا اچي اوخرد شهر جي پنڌ هلڻ وارن لاءِ ٺاهيل پراڻي بازار ۾ پهتاسين. اتي ڪافي رونق لڳي پئي هئي. ڪافي سياح ۽ مقامي ماڻهو اتي ڦريا پئي. ڪجهه هنڌن تي ڪجهه مجسما پڻ نظر آيا. خردي جي صلاح سان اسان اتي ڪتل ۽ ڪجهه ٻين ميون جو جوس، جوس جي هڪ دڪان تان ورتو. اهو دڪان به هڪ نوجوان ڇوڪري هلائي رهي هئي. ان پراڻي بازار جو فرش ماربل جي مختلف رنگن جي سرن سان ٺهيل هو. آسمان صاف هو. مينهن به نه هو وسيل، پر رستو ايڏو ته صاف هو جو لڳي پيو ڄڻ چمڪي پيو. شايد ان رستي کي روز صبح سان ڌوئندا هوندا.

ان پراڻي بازار ۾ ترڪ فنِ تعمير جي هڪ مسجد علي پاشا ۽ ان جو مينار واضح طور نظر آيا ٿي. اوسي پاسي ۾ ڪافي مختلف قسم جا دڪان کليل هئا. بازار جي آخر ۾ اسان اچي هڪ پراڻي چنار جي وڻ وٽ پهتاسين، جتي خرديءَ مون کي چيو ته تون پلي اتي بيهه ته، آءٌ گاڏي هتي ئي کاهي ٿو اچان. جيستائين خردي گاڏي کاهي اچي، مون اوسي پاسي جي ماحول جو جائزو ورتو. مون ڏٺو ته چنار جي هن وڻ جي حفاظت لاءِ چوڌاري پٿر جي سرن سان اڏيل گول دائري تي ماڻهو ويهي ايندي ويندي ساهي پٽين ٿا ۽ ويهي ڪچهري پڻ ڪن ٿا. اتي پرسان ئي پاڻيءَ جون ٽونٽيون پڻ لڳل آهن. ■